
چيڪي مٽي
شاعري
غوث پيرزادو

چيڪي مٽي

غوث پيرزادو

حق واسطا محفوظ

(33)

كتاب جو نالو: چيڪي مٽي

موضوع : شاعري

شاعر : غوث پيرزادو
برقي ڏس : ghouspirzado@gmail.com

ڇاپو : پهريون

سال : 2010

ڇپائيندڙ : سنڌ ادبي اڪيڊمي ڪراچي

ڇپيندڙ : البرڪت پريس

ملهه : 100 روپيه

عاجز ميرواهيءَ جو چونڊ شعري مجموعو

درد جون شڪليون

-/70 روپيه

ارپنا

- ان رومانوي جوڙي ڪمون ۽ سدوريءَ جي نالي جن مونکي جنم ڏئي هي جهان ڏيکاريو، جن ڪان مون ٻولي سکي ۽ جماليات کي محسوس ڪيو؛
- صوفياڻو مزاج رکندڙ ياءُ پيرل جي نالي جيڪو منهنجو دوست ٻه هو، جنهن جي اوچتي لاڏاڻي منهنجي جيون ۾ اونده انڌوڪار پکيڙي ڇڏي.
- پنهنجي ڪل ڪائنات موهٽي ۽ سندس ماءُ منهنجي وني سڪينه جي نالي جن ويران زندگي کي اباد ڪيو.
- ايازجاني، غفور ميمڻ، فيض جوڻيجو. غني ڪانڌڙي ۽ غفور شاه جي نالي جن جي هٿ ڪان پکڙي سماج جي گهرائين کي ماپڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهيان.
- انورپيرزادي، ميران ۽ ڊاڪٽر عزير جي نالي جنهن جي چيڪي مٽيءَ جهڙي خوشبو هميشه من کي معطر ڪندي رهندي.
- نندپڻ جي دوستن ڪامريڊ طارق پيرزادي، پرويز پيرزادي ۽ صحافي عيسيٰ جي نالي جن سان مان هر دور ۾ وڙهندو رهيو آهيان

ٻه اکر

سگهارن احساسن جي شاعري!

ڊاڪٽر فهميده حسين

موهن جي دڙي جي دامن ۾ وسيل انور پيرزادي جي ڳوٺ بلهڙيجيءَ ۾ جنم وننڌڙ غوث پيرزادي کي آرٽ ۽ آرڪيٽيڪچر جي ڪمال، موهن جي دڙي جي مهانتا، انور پيرزادي جي علم دانش ۽ پنائيءَ سان بي پناھ چاھ ۽ سنڌو درياھ جي چوھ ۾ لڪل تخليقي جوهر ۽ ڳوٺ جي رومانوي بيهڪ مان ڪا پتي ته ملتي هئي، جنهن کي هن هن شعري مجموعي ۾پڙهندڙن اڏو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. وري هن جو نالو رکيو اٿس "چيڪي مٽي"! مون کي دنيا جي سمورين خوشبوئن کان وڌ پنل چيڪي مٽيءَ جي خوشبو وڻندي آهي جيڪا ڇڻ ته سنگهڻ جي حِسن ذريعي سمورين حِسن کي معطر ۽ سرهو ڪري ڇڏيندي آهي.

سنڌ جي چيڪي مٽي جڏهن ڪنڀر جي چڪ تي چڙهي، يا جڏهن ڪنهن سنگتراش، ڪنهن آرٽسٽ جي هٿن ۾ ڪو روپ وٺي ڪا مورت بڻجي وڃي ۽ جڏهن ان تي ڪو چترڪار سهڻا چٽ چٽي ان جي سونهن دوبالا ڪري ته ان کي ڏسي اصل موهن جي دڙي واري دور کان هن دور تائين واري تسلسل ۾ پاڻ کي تصور ئي تصور ۾ هڪ ڪردار ادا ڪندي ڏسندي آهيان. هڪ اهڙي عورت جو ڪردار، جيڪا انهن چٽ چٽيل ٿانون ۾ سنڌوءَ ڪناري گڏجي ٻوڪيل پنهنجي ٻوک مان پنهنجي حصي جو اَن ۽ ٻاجهيون ڪٽي رڌي پنهنجن پيارن کي کارائيندي هجي يا ڍولڪ جي تال تي پنهنجو ئي تخليق ڪيل گيچ ڳائي، پير پير ۾ ملائي نچندي هجي. اها چيڪي مٽي جيڪا منهنجي خمير ۾ آهي، اها ئي چيڪي مٽي موهن جي دڙي جي، سنڌو ماتريءَ جي هر ماڻهوءَ جي خمير ۾ آهي. اها مٽي اڄ ڏکويل آهي، اسان جو شاعر ان مٽيءَ جو درد سڃاڻي ٿو، هو ماڻهن جو توڙي ڌرتيءَ جو سور محسوس ڪري ٿو: "چيڪي مٽيءَ جهڙي سَکي! ويو ڪير توکي لڙڪ آ اڙپي، ڳوڙها ٻني ڌرتي سڄي، ويو ڪير توکي لڙڪ آ اڙپي"

غوث پيرزادي جي خمير ۾ توڙي شاعريءَ ۾ جيڪا "چيڪي مٽي" آهي، ان ۾ ڪئين رنگ آهن. هن ۾ پابند، آزاد ۽ نثري شاعري آهي. گهاڙيٽن تي آءٌ ڪونه ڳالهائيندس ڇو ته اهي دماغ جا دليل آهن. جڏهن ته هن ڪتاب ۾ جا بجا دل جا دليل پکڙيل آهن، درد آهن وڇوڙا آهن، رومانس آهي ۽ رسڻ پرچڻ آهي جن جو پنهنجو ئي گهاڙيٽو هوندو آهي. ڪٿي محبوب سان ملڻ وڇڙڻ جو درد آهي.

هيڪلائين جو پلا ڪيسين سکي
سمنڊ جهاڳيندو وتان مان تو بنا

ته ڪٿي ڪنهن ڪلارڪ جي دل جي دانهن آهي جيڪو ننڍڙي پيٽ جا انگل پورا ڪري نٿو سگهي.

ذات ۽ ڏاهپ جي ديهه ۾ منافقيون ۽ من جا مير شاعر کي ڏکوئين ٿا
علم ۽ ڏاهپ حوالي سان سڃاتو ٿو وڃين
پوءِ به هيڏو ساترو آ مير تنهنجي ذهن ۾

ملڪ ۾ نفرتن ۽ ڪدورتن جي ٻريل باهه ۽ گهٽين ۾ هلندڙ گوليون به هن کي پريشان ٿيون ڪن:

ٻڪا ڪين سانجهيءَ مهل تائين گهر هو
سڄو ڏينهن گوليون هليون هن گلين ۾

ماڻهو ماڻهوءَ جو ويري ڇو ٿيو آهي؟ اهو وڏو سوال آهي جيڪو ڪر ڪنيو بيٺو آهي پر نه مذهبي عالمڙ نڪو سماجيات جا ماهر ان جو جواب ڳولي سگهيا آهن.

تارا ڦوٽاري ٿو ڏاڙهي
بي ڏوهي ماڻهو ٿو ماري

ان جو ڪهڙو مذهب آهي
جيڪو جيئرا ماڻهو ساڙي.

معاشيات جا ماهر پلي ڪهڙا به ويهي انگ اکر جوڙين ۽ غربت جي ڪارڻن ۽ تدارڪ بابت ڪاغذ ڪارا ڪن پر ڪين اهو هڪڙو نقطعو سمجهه ۾ نٿو اچي ته غريب ماڻهو جيون جي جوت جلائڻ لاءِ ڪيئن ٿو اونداهين سان جهيڙو جوٽي... اهو احساس هنن لفظن ۾ ڇٽو آهي.

بتي ٿي گهري تيل هڪڙي رپئي جو
تڏهن آ انڌيرو غريباڻي گهر ۾

غوث پيرزادي وٽ احساس ڏاڍو سگهارو آهي، البت ٿوري سکيا جي ضرورت آهي. ان احساس جي سهاري هو پنهنجي ڳالهه چئي ويو آهي ۽ اها به وڏي رديف، ترتيب ۾: فاعلاتن فاعلاتن شعر ناهي بلڪ شعر لاءِ زنده احساس ضروري آهي، درد مند دل ضروري آهي.

ڪوڙ سارا روز ٿو ڪاڳر پيو ڪارا ڪرين
شاعري آ سا به جي احساس ٿو زنده رهي.

درد پنهنجو هجي، ماڻهن جو هجي يا ديس جو ، مٽيءَ جو، اهو ئي ته اساس آهي هر سٺي شاعريءَ جو.

سياست، ليڊري ۽ ٻيا سمورا رستا راهون آدرشن جي حاصلات لاءِ اڻپورا آهن ڇو ته انهن ۾جوش جذبو ۽ خلوص ڪونه رهيو آهي، ان ڪري ماڻهو مايوس آهي، ديس دکي آهي، شاعر، اديب ۽ هرڪو ڏاهو ڏکويل آهي.

آدرشن کي ڪک سنگهي ويو
ليڊر سيئي چپ چپات

آدرشن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي اندر جي سچائيءَ کي سونهون بڻائي هلڻ سان ئي مٽيءَ کي مان ملندو آهي ۽ ماڻهپي جو ڳاٽ اوچو ٿيندو آهي.

مهاڳ

سنڌوءَ جي ڪَپَ تي ويهي لکيل شاعري

انور ابڙو

سنتو درياهہ جي ڪنڌيءَ جو هي ماڻهو "چيڪي مٽيءَ" جي ڳالهہ ڪري خبر ناهي تہ ڪهڙي خوشبوءَ جي بندگيءَ جي لاءِ اسان انهن سيني ماڻهن کي قائل ڪرڻ ٿو چاهي جن جي پاند ۾ رڳو رک ٿي ويل عشق جي خاڪ آهي ۽ جيڪي شايد ڪنهن سڙي ويل سَلي وانگر وري ڦٽڻ جي تمنا بہ نٿا رکن. شايد هُو چاهي ٿو اسان جي نئين زندگيءَ ۾ اچلي ٿو "چيڪي مٽي" جنهن مان اسان اُپري اچئون نَون گئونچن جيان.

اڄوڪي اڪثر سنڌي شاعريءَ نج عشق جي واٽ ورتي آهي جنهن واٽ تان ڪي نوجوان شاعر مجتا واري منزل طرف ڏاڍو تيزيءَ سان وڌيا آهن. اهڙن شاعرن عشق جو سهارو ونئي زلفن جي اسيري تہ قبول ڪئي آهي پر انهن جي روح جي آس پاس آس جي اها پرواز آهي جنهن کي رڳو آهو ماڻهو سمجهي سگهندو جنهن جي پيرن جي ترين "چيڪي مٽيءَ" تي عشق جي ڏکهي پنڌ جو داستان لکيو هوندو. يار جي ياريءَ کي شام جي پهر جا سپ آلاپ ارپيا هوندا ۽ رات جي اڪيلائيءَ ۾ پنهنجين روئندڙ اکين کي پرچائڻ ۽ آٿت ڏيڻ جي اجائي ڪوشش ڪئي هوندي. غوث پيرزادو عشق جي اهڙي پنڌ ۾ هلندڙ قافلي ۾ خاموشيءَ سان شامل ٿي گم ناهي ٿي ويو، پر قافلي جتي ڊاهو ڪيو آهي، اتي هو "چيڪي مٽيءَ" جو تحفو ڪٽي سيني کي پيش ڪري رهيو آهي. "هيءَ مٽي ڏاڍي زرخيز آهي ساقي"

گم ٿيل جڻ بار ڳوليندا رهيا،
نيڻ توکي يار ڳوليندا رهيا.

سنتو درياهہ جي ساڄي ٻانهن ڦهليل هجي، مهين جو دڙو مُنهان مُنهن هجي ۽ پاسي ۾ سرَنهن ڦولار هجي، پوءِ بہ مَن ڪيچلو ۽ مست نہ ٿئي، اکين ۾ حسوتن جو درياهہ نہ اٿلي، دل کي آرس نہ پڄي ۽ سڄو جهان سنو نہ لڳي، تہ ائين ٿي ئي نٿو سگهي. "چيڪي مٽيءَ" جي شاعر غوث پيرزادي کي اِها سموري تاريخي سونهن ورثي ۾ ملي آهي، شايد تڏهن ئي هن جي شاعريءَ ۾ اهي چٽ آهن جيڪي نهي سنبري ويهي لکڻ سان ناهن چِٽي سگهبا. هُو واقعي بہ "مٽيءَ جو شاعر آهي" ۽ پنهنجي شاعريءَ ۾ آتم ڪٿا لکندي لکندي هُو اهي اکيون بہ چِٽي ويو آهي جن ۾ درد جي دنيا آباد آهي ۽ جيڪي جڏهن کڄن ٿيون، تہ روئارينَ ٿيون.

ڪير ڳوڙها ڏئي ويو آهي؟
نيڻ مون کان پڇن پيا جانم.

هن جي شاعريءَ مان نئين دور جو شعور ۽ نوان احساس تہ ظاهر ٿين ٿا پر اهو نٿو لڳي تہ هن جي شاعري شعوري ڪوشش جو نتيجو آهي. هن تي

شاعري پيار جيان لٽي آهي ۽ هُو ان جو رڳو ميزبان بڻيو آهي. هِن بيو ڪجھ بہ ناهي ڪيو.

ڊسمبر 2006ع جي ڪنهن ڏينهن تي مون کي جڏهن هن ڪتاب جو مسودو مليو تہ ان جو عنوان مونکي ڪو گهڻو شاعراڻو، مناسب ۽ متاثر ڪندڙ محسوس نہ ٿيو هيو. تڏهن ئي مون هِن ڪتاب جي تخليقڪار کي چيو هيو تہ: " ادا اِن عنوان تي هڪ دفعو سوچجانءِ. " پر جڏهن 7 جنوريءَ جو ڏينهن آيو ۽ ٻلهڙيجيءَ سميت سموري سنڌ جي اکين جون نديون اُٿلي پيون. هڪ وڏي هاڃي اسانجو اندر پڃي پورا پورا ڪري ڇڏيو. تڏهن مونکي هِن ڪتاب جو عنوان ڏاڍو مناسب لڳو. ان ڪانپوءِ مون محسوس ڪيو تہ ٻلهڙيجي جي مِٽي واقعي چيڪي آهي. اڳ اهڙو احساس نہ ٿيو هيو. شايد انڪري تہ اسان انور پيرزادي صاحب جي صاحبيءَ ۾ غير ذميوار ٻار هياسين. اسان کي ڪنهن بہ ڳالھ جي خبر رکڻ جي ضرورت نہ هئي. بلڪل ائين ئي جيئن ٻٽائي سائينءَ چيو آهي تہ: "پاسي ويڄ هئام، تان مون مور نہ پڇيا." سو، ٻلهڙيجي جي چيڪي مٽيءَ مان انور پيرزادي جهڙو ماڻهو ڳوهجي پيدا ٿيو ۽ جنهن پنهنجي آخري سيج بہ پنهنجي ڳوٺ جي چيڪي مٽيءَ مان ڳوهرائي نهرائي.

انور پيرزادو صاحب اُهو ماڻهو هيو جنهن جي ٿهڪن، ڪچهرين ۽ غير روايتي انداز واري تدريسي عمل عام طور تي سموري سنڌ ۽ خاص طور تي پنهنجي ڳوٺ جي نوجوانن جي دلين جو مير لاٽو. انهن کي پنهنجي شعور جي چڪ تي چاڙهيو. انهن کي پنهنجي عشق جي آويءَ ۾ پچايو ۽ پوءِ انهن مان هر ڪنهن کي هر ان جاءِ تي سجائڻ ۾ مدد ڪئي جيڪو جتي سهڻو لڳي سگهيو پئي. ڪي شاعر ٿيا، ڪي صحافي بڻيا، ڪي نثر نويس ٿيا. ڪي اين جي اوز ۾ ويا تہ ڪي مختلف شعبن جا ماهر بڻيا. غوث پيرزادي جي سڪيا ۾ هاڻي سنڌو درياھ، مُهين جي دڙي ۽ آس پاس جي سرسبز کيتن سان گڏ انور پيرزادي جي شعور جو حسن بہ شامل ٿي ويو آهي، تنهنڪري هاڻي هيءَ ڳوٺ چيڪي بہ ماڻهو پيدا ڪندو، انهن جي اندر ۾ انور پيرزادو بہ موجود هوندو. هُنن کي ٻٽائيءَ سان ڳوٺ جي فقيرن بہ ملايو هيو، پر انور پيرزادي جي معرفت هُنن سان مليل ٻٽائي کين وڏيڪ پنهنجو لڳو هيو.

جدائي تہ جيئڻ کي بخشي ٿي معنيٰ،
اِها ڀڪ ڪرڻ لئہ ٻٽائيءَ کي پڙهجان.

ٻلهڙيجي سَنڌو درياءَ جي ڏيءَ آهي ۽ ان ۾ ڄاول ماڻهو سنڌوءَ جو اولاد آهن. سنڌوءَ جي ان ڳوٺ جي اولاد مان ان جو وڏو پٽ انور پيرزادو آهي، جنهن سنڌوءَ جي پوڄا ڪئي آهي ۽ ان جو ننڍو پٽ غوث پيرزادو آهي، جنهن "چيڪي مٽيءَ" سان چنبڙي ان مان شاعريءَ جا گهگهڙا ناهيا آهن. اهي گهگهڙا ڪيترا سهڻا آهن؟ اهو فيصلو مان تہ نٿو ڪري سگهان، پر مان رڳو ايترو چئي سگهان ٿو تہ، سنڌوءَ جي ڪناري جو آباد ٿيو آهي، اهو سيراب ئي ٿيو آهي. غوث پيرزادي جو چاچو هادي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ سٺو شاعر آهي. هن کي شاعراڻو ڳوٺ مليو آهي، جتي جا مرد توڙي عورتون شاعري ڪري پنهنجي تر توڙي

سنڌ ۾ هڪ نئين سجاڳ رکن ٿا، جن ۾ انور پيرزادو جو نالو سنڌ کان نہ وسرندڙ آهي.

غوث پيرزادي جي شاعريءَ جا پيرا کڻجن ٿا تہ اهي ڪڏهن مهين جي دڙي جي گهٽين ۾ ملن ٿا، ڪڏهن آهي سنڌوءَ جي ڪناري تي ملن ٿا، تہ ڪڏهن سندس ڳوٺ جي ڳلين ۾، تہ ڪڏهن ڪراچي شهر جي ڊامرجي نهيل روڊن ۽ رستن تي. غوث پيرزادي جو ڳوٺ بہ ٻين ڳوناڻن نوجوانن جيان هن جي لاءِ هڪ اهڙي رومانٽڪ جاءِ آهي جتي هن جي اور پوريل آهي ۽ جيڏانهن بار بار واپس ويندي هو هڪ وڏي آسيس محسوس ٿو ڪري.

اڄ ڪنوڻ آهن ڪيا ڪجڪار منهنجي ڳوٺ ۾،
۽ سيئي موٽيا وري هنِ پيارمنهنجي ڳوٺ ۾.

لڙڪ روڪي ڳلي سان ملنداسين،
ڳوٺ ايندين تہ جام ڪلنداسين.

باروتڻ جون سيئي ڳالهيون دوستو،
هر ڦڙو ٿو ٻڌائي مونکي مينهن جو.

شايد ماڻهو هاڻي ڳوٺن ۾ نئي ڪلي سگهي ٿو، شهر تہ روئارين ٿا. شهر جي بي سڪوني، رشتن جي ناپائيداري ۽ موقعي پرستي ۽ گوڙ ۽ شور ۾ حساس ماڻهو مارجي ٿو وڃي.

مينهن جي ڦهرين ڦڙيءَ جهڙو تہ ڏس،
بي رخين جي شهر ۾ ڦاسي پيو.

اڪين جي شهر ۾ ماريو ويو آهي،
چمين جي شهر ۾ ماريو ويو آهي.

"اڪين ۽ چمين جا شهر" جيڪي ڳوٺن ۾ پڌل آهن، سي ڏاڍا سچا آهن، پر " اڪين ۽ چمين جا شهر" جيڪي شهرن ۾ آباد آهن، سي ڏاڍا مصنوعي آهن. هنِ شاعر لاشعوري طور تي شهر جي بي حسيءَ کي ظاهر ڪيو آهي، جيڪا صنعتي زندگيءَ جي هڪ تلخ حقيقت آهي.

صنعتي زندگيءَ ۾ رشتا ۽ سماجي لاڳاپا اهي ناهن رهندا جيڪي زرعي سماج ۾ جنم وٺندا آهن. تنهنڪري اسان کي ٻنهي سماجن ۾ جنم ورتل رشتا ۽ سماجي لاڳاپا ٻن انتهائن تي بيٺل ملن ٿا. غوث جي شاعري ۾ پڻ اهڙي ٽڪراءَ جا اولڙا محسوس ٿين ٿا. پر جيڪڏهن شهري زندگي بي وفائي جي نقاب ۾ اوڙهيل آهي، تہ ڇا ان کي تياڳي ڇڏجي؟ نہ. اهڙي زندگيءَ ۾ ڳوناڻي سچائيءَ کي جيئاريندي بہ جيئڻ گهرجي. پنهنجا سماجي ۽ ثقافتي قدر سنڀالي رکڻ ڪپن ۽ ڳوناڻي محبت کي بہ ساڻ ڪڻي هلجي.

غوث پيرزادي جي شاعريءَ ۾ جيڪا معصوم سادگي آهي، جنهن جي لاءِ ماڻهو سڪڻ لڳي ٿو، سا بہ ڳوناٽي پس منظر جي ڪري آهي. اهو ممڪن آهي تہ مونکي انَ ۾ ايتري ڪشش انڪري بہ محسوس ٿيندي هجي، جو مان پاڻ پنهنجي اندر ۾ هڪڙو مثالي ڳوٺ ٻڌي جيئان پيو. مان تہ ان نتيجي تي پهتو آهيان تہ عشق ڀهراڙيءَ ۾ ٿيندو آهي. پنهنجين مينهن جي ڪير مان نهيل مکڻ جي چاٽي جهڙو عشق، شهر ۾ عشق جي نالي ۾ وقت گذاري ٿيندي آهي. نڳي ۽ اٽڪل بازي ٿيندي آهي. عاشق ۽ معشوق، ٻئي بازيگر هوندا آهن، سوداگر هوندا آهن. جيڪي هڪٻئي سان جوا کيڏاندا، هڪٻئي کي کٽندا ۽ هارائيندا آهن. هڪٻئي کي جيئاريندا ناهن.

مون اکين سان "هلي آ" توکي چيو.
ڪنڌ جي ڏوڻ سان تو چيو هو " نڪو. "
اهِو آهي ڀهراڙيءَ جو عشق جنهن جي انڪار ۾ بہ پيار آهي
روح سندوسو رقص اجا پي يادن ۾ آ،
هڪڙو سهڻو عڪس اجا پي يادن ۾ آ.

واهہ جي ڪڙ ڪالهہ ويڳاڻي لڳي،
مال ڪاهي جو هتان گذرين نہ تي!؟

غوث پيرزادي جا معصوم خيال، ڪي نہ سلي سگهڻ جهڙيون ڳالهيون، ڪي ٻنهہ ئي پنهنجون، بلڪل بہ اوپريو نہ، ڪي ننڍپڻ جا قصا، ڪي ظالم وڇوڙا، ڪي محبوب حسرتون، ڪي صوفياڻا خيال. ڪي ڇير ٻڌي نچڻ وارا مستيءَ پريا ويچار "اڄ ٻڌو ٿم تہ ڇيريون ٻڌي ياروٺ/ غوث تنهنجو تي ناچو نچڻ تو اچي"، ڪي ڏاڍايون ۽ ڪي زيادتيون پنهنجي شاعريءَ جي موضوعن طور ڪٺي انتهائي پر اثر ٻوليءَ ۾ شاعري جي هڪ اهم صنف غزل ۾ فنائتي نموني بيان ڪيون آهن، اهي ڏاڍو وٽندڙ ۽ هڪ ڊگهي عرصي تائين ياد رهندڙ خيال پڙهي ائين محسوس ٿئي ٿو تہ، هڪ سانورو، سادو، سدائين خوش، ٿهڪ ڏيئي ملندڙ، هر ڪنهن سان پوڳ چرچا ڪندڙ، ٻين جي پوڳن تي کل ۾ ٻنجي ويندڙ، پنهنجا ڏک نہ ڏيکاريندڙ ۽ هڪ غريب پيءُ جو پٽ غوث پيرزادو ڪٿي ڪٿي تہ پنهنجي شاعريءَ ۾ پنهنجي عمر، پنهنجي تجربي ۽ پنهنجي مشاهدي جي لحاظ کان ڏاڍو وڏو ۽ ڏاڍو شاهوڪار ٿو لڳي. هيءُ شاعر ٽڙيو آهي ڪنهن تازن خيالن جي ٽاريءَ تي هن جون ڪي ڪي سٽون تہ سچ پچ چرڪائي ٿيون وجهن:

رقاصا جي پيرن ۾ ڇيرين جيان،
سڄي رات آهن وڳيون خواهشون.

ڪٽي ڪينجهر اکين مان اوت ڪا نوري اسان تي تون،
الائي ڇو اسان جي دل جام تماچي تي وئي آ.

نہ سي ماٺا، نہ چرچا پوڳ چوريءَ چال ويا ڪاڏي،
چون ٿا پرٽجي وئي، آ ادائون ٿياس چاڙهيندي.

اسان جي نوجوانن کي محروميون ۽ ڏک ورثي ۾ ملندا پيا اچن، پر هو پوءِ بہ جيئن پيا ۽ پيار کي سلامت رکندا اچن پيا. هنن کي زندگيءَ سان پيار بہ آهي، پر هو پنهنجي پيار کي جيڪا ٻولي ڏين ٿا، اها اندر جي دنيا ۾ واڪا پيدا ڪري ٿي ڇڏي، غوث پيرزادي جي دانهن جو درد اسان کي ٻڌل ٿو لڳي.

رات استاد منظور وينئي ٻتم،
من اگڻ تي لهي پيو وحي سور جو.

غوث پيرزادي جي شاعريءَ جا چٽ رڱ سنڌو درياءَ جي اوسي پاسي ناهن، پر هو پنهنجن موضوعن کي هڪ وسعت ڏيئي سموري سنڌ جا موضوع بڻائي ٿو. هن وٽ ڪا ڪاريگري ڪانهي. هو پنهنجي وجود ۾ هڪ سادو ۽ سٻاجهو نوجوان آهي. جيڪو ٿهڪن سان آجيان ڪندو ۽ ٿهڪن سان رخصت ڪندو آهي، ان جي شاعري جا سيئي طبق روشن آهن ۽ ان جي هر روشندان مان هڪ نئون جهان ظاهر ٿئي ٿو.

صدين جي سفر بعد هاڻي وڃي ڪو،
سڃا پڻ لڳو آ صحيح طور ڏاهر.

سنڌي سماج ڏاڍو بي رحم بڻجي ويو آهي. اهڙي سماج ۾ سنڌي عورت تہ مظلوميت جو سمبل بڻجي اڀري آهي. ڪنهن بہ شڪ ۾ پنهنجي عورت کي ڪهي ڇڏڻ وڏي غيرتمندي ٿي ليکجي اسان وٽ هاڻي. اسان جا ماڻهو جيڪي اهڙي قسم جي غيرت سان ڏاڍا سرشار آهن، سي ان وقت ڪو بہ جواب ناهن ڏيئي سگهندا جڏهن سندن گهر ۾ ڪاڻ پيئڻ جي لاءِ ڪجهہ بہ موجود ناهي هوندو ۽ اها سموري ذميواري سندن گهرواريءَ جي هوندي آهي تہ اها "ڪيئن بہ ڪري" گهر جو چلهو ٻاري رکي، پوءِ پل هوءَ پاڻ کي بہ نہ ٻاري اچي.

نا حق نندڙي پيڻ وڏي هو ٽاڻي پهتو،
مروئن جهڙو نفس اڄا پي يادن ۾ آ.
سندريءَ لاش منجهس آ،
ڪيئن واهہ پيو ڦٿڪي.
آڳ واري شهر ۾ جائي هئي،
جر، جيون تاندا هيس رانديڪڙا.

ٿهڪ ٻوريءَ ۾ بند ٿي پهتو آ،
ڳوٺ ڪيڏو تہ اڄ لڇيو آهي.

شام جي پيلي وڳي تي رات ڪارنهن آملي،
چو نہ دردن ڏن ٻڻائي ظلم هن کي ڳائجي.

هي ڪي عام رواجي خيال ناهن. اهي اهڙي طرح هر ڪو نٿو لکي سگهي. غوث واقعي پنهنجي شاعرائي شعور جو ڀرپور استعمال ڪندي اهي موضوع به ڪنيا آهن، جيڪي پل ته ماڻهن کي روايتي لڳندا هجن، پر انهن جي پيشڪش غوث پيرزادي جي پنهنجي آهي.

سمنڊ نيڻن ۾ ڪٽي آهي پڳي،
ڪيئن مون ڏي آئتي آ وير اڄ،

وڄايو ٿئي چڙو گوري بدن جو بانوري اهڙو،
ستل ڪي ساڌ ٻيلي ۾ چميون چرڪي پيون آهن.

"چمين جو چرڪي پوڻ" هڪ بنهه ئي نئين تشبيهه آهي.

اهي سٿون پڙهي ڪير به اهو نه چوندو ته غوث پيرزادي جي شاعري ڪنهن وڏي شاعر جي تقليد آهي. هن پنهنجي شاعريءَ جون جيڪي تصويرون پينٽ ڪيون آهن، سي اڄ جي سهڻي نوجوانن جي وس جي ڳالهه ناهي. اهو صحيح آهي ته هر ماڻهوءَ جو پنهنجو خانداني، سماجي، معاشي، ثقافتي، نظرياتي ۽ سياسي پسمنظر هوندو آهي. هر ڪنهن جا تجربا، مشاهدا ۽ مطالعو الڳ هوندو آهي، پر جڏهن سهڻي ڪي "شاعريءَ جي زمين" هڪجهڙي ملندي آهي، ته پوءِ ئي ڏسبو آهي، ته ڪنهن وٽ شاعري محبوبا جيان ٿي اچي ۽ ڪنهن وٽ مجبور وقاصه جيان. غوث وٽ شاعري محبوبا جيان آئي آهي ۽ هن جنهن وقار سان ان جو آڌر ڀاءُ ڪيو آهي، اهو به وٽندڙ ۽ ياد رکڻ جهڙو آهي.

سانوريءَ جي سحر ۾ ڦاسي پيو،
ڪو چمين جي شهر ۾ ڦاسي پيو.

نئين سنڌي شاعري گذريل 60 سالن کان ڏاڍن نون ۽ انتهائي سنن تجربن مان گذري آهي. شيخ اياز استاد بخاري، تنوير عباسي، نياز همايوني، امداد حسيني، شمشير الحيدري، تاج بلوچ، انور پيرزادي، راشد مورائي، اياز گل، ادل سومري، اياز جاني ۽ محمد علي پٺاڻ کان وٺي عطيه دائود، جان خاصخيلي، احمد سولنگي، رکيل مورائي، امتياز ابڙي، اظهر ٻانيڻ، وسيم سومري ۽ غوث پيرزادي تائين جيڪي به سوين سنڌي شاعر پيدا ٿيا آهن، تن جي سوين هزارين لکيل شعرن سنڌ کي جيئاري رکيو آهي. سنڌ جي ماڻهن جي روح جي اڄ ڪي اجهايو آهي ۽ شاعرائي تسلسل جا ايترا ته مضبوط بنياد وڌا آهن، جو هائي ايندڙ وقت ۾ سنڌي شاعري وڌيڪ بالغ ٿي سان پنهنجو سفر جاري رکي سگهندي.

نه تو هر، نه ڪندو، نه آهيان ٻبر ڪو،
هميشه رهين ٿو وڏڻ جي چڪر ۾.

هن نج پنهنجي لهجي ۾ پنهنجا سادا پر سنا خيال پيش ڪيا آهن. پابند توڙي نثري شاعري هن کي هڪ جدا سڃاڻپ بخشي ٿي. هن شاعر کي محبت

تہ عزيز آهي ئي آهي، پر هو اڳتي وڌي انهن موضوعن کي بہ پنهنجي شاعريءَ ۾ کڻي ٿو اڃي جيڪي اڳ رڳو نثر ۾ ئي بيان ڪيا ويندا هيا. جيئن ماحولياتي گدلاڻ وغيره. آن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ سنڌ جو هيءُ نوجوان جڏهن ٻلهڙجي جي شفاف ماحول کان سفر ڪري ڪراچيءَ جي گهٽيل گهٽين ۽ ساهہ ٻوساٽيندڙ گهرن ۾ پهتو تہ سندس ساهہ گهٽجڻ لڳو. ان گهٽ کي هن جيتوڻيڪ ڪنهن اين جي او جو نعرو ناهي بڻايو، پر هو اهو محسوس ضرور ڪرائي ٿو تہ ماحول جي گهٽ اندر جي گهٽ بڻجندي آهي ۽ اندر جيڪڏهن اڳ ۾ چير چير آهي تہ پوءِ اتي جا زخم ڪڏهن بہ پرجي ناهن سگهندا.

سڄو ڏينهن آشا جو لاشو ڪلهي تي،
وڃهي ٿا ڇڏيون شام ڏاري قبر ۾.

اڄ وري بارش چوي ٿي مان اچان،
نوٽ، نيٽن تي وري هيڪر وسان.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄوڪي دور ۾ جيڪي شاعر غزل لکن ٿا، تن مان اڪثر پنهنجي شاعراڻي ورثي کي سمجهي اڳتي وڌيا آهن. غزل جي شاعريءَ جا پنهنجا مزاج ۽ پنهنجا موضوع ٿيندا آهن. غزل ۾ جديديت جي نالي ۾ آسان گهڻو ڪجهہ وجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون، پر اهو در اصل غزل جي روايتي شان کي گهٽائي ڇڏيندو آهي، غزل ۾ سياسي تلخيون بيان ڪرڻ بہ غزل جي نفاست جي خلاف محسوس ٿينديون آهن.

ننڍي ڪند ۾ غزل جي شاعريءَ تي وڏيڪ حق اردو شاعر ظاهر ڪندا آهن ۽ هو صحيح بہ هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ اردو غزل تمام گهڻي قبوليت ان ڪري بہ ماڻي آهي جو اردو شاعرن جي شاعري آهي. جتي غزل جو پيش ٿيڻ ميلو لٽڻ جي برابر هوندو آهي. اسان وٽ اڪثر شاعري ڇپجڻ ۽ ڪتابن، اخبارن ۽ رسالن ۾ پڙهڻ جي لاءِ ٿيندي آهي، تنهنڪري ان جو پنهنجو مزاج جڙي ويو آهي. سنڌي شاعري جيڪا ڳائي وئي آهي يا جيڪا ڳائجي رهي آهي، اها "مارڪيٽ جي شاعري آهي، اها سنن ٻڌندڙن جي لاءِ ٻنهہ ناهي. سنڌ جي سنڌي ٽي وي چينلس تہ سني شاعريءَ بدران بازاري شاعري پيش ڪري سنڌي شاعريءَ ۽ موسيقيءَ کي هڪ وڏو هاڃو پهچايو ويو آهي. اڳ ۾ "ڪيسيٽي شاعري" ٿيندي هئي، هاڻي اها وڊيو يا "چينلي شاعري" ٿي رهي آهي.

اياز، استاد، تنوير، تاج بلوچ، انور پيرزادو ۽ امداد حسيني تہ موسيقيءَ جي اڄوڪن ڊائريڪٽرس کي ياد ئي ناهن. سبب اهو آهي تہ ڊائريڪٽرس توڙي پروڊيوسرس سنڌي شاعريءَ توڙي موسيقيءَ کي سنجيده عمل سمجهيو ئي ناهي. انهن جو سمورو زور ماڊلس، انهن جي گيٽ اپ ۽ لوڪيشن تي هوندو آهي. تنهن ڪري اڪثر سنڌي شاعري، جيڪا اڄ ڪلهہ پيش ٿي رهي آهي، سا تہ ڪا ڪموڊٽي آهي،اها اندر کي ڇيري نڪتل ڪا دانهن هرگز ناهي. غوث پيرزادي جي شاعريءَ جي اها خوبي آهي تہ ان جي هر سٽ ۾ رڌ هي، ٺمڪي ٺمڪي آهي ۽ اهڙي نفاست آهي جو ماڻهو چاهي ٿو تہ هو اها جهونگاري:

نڪ چوپو، چپ سنهڙا چا تہ ڇهري جي زمين،
اچي ويا رقص ۾، هاڻي تہ هنڻو ئي نہ آ.

هن جون ڪيترين سٽون تہ محاوراتي آهن ۽ جيڪڏهن ڪو شاعر پنهنجي ٻولي ناهي ٿو، پنهنجا اصطلاح ۽ محاورا استعمال ڪري ٿو، تہ چئي سگهجي ٿو تہ اهو واقعي بہ تخليقڪار آهي، نہ تہ هو رڳو ڍڪڻ هوندو، جنهن ڪي شاعريءَ ۾ رڳو انچي ٽيپ، رندو، واهولو، ڇيٽي ۽ ڪارائي استعمال ڪرڻ ايندي آهي. "ڇهري جي زمين،" "ڳوڙهن جا ڳوٺ،" "سورجو وحي" ۽ "چمين جو شهر" جهڙيون تمام گهڻيون اهڙيون تشبيهون آهن جيڪي غوث پيرزادي جي ڀرپور تخليقي صلاحيت ڪي ظاهر ڪن ٿيون. هن جانثري نظم بہ ڏاڍا سٺا لکيل آهن. جن مان "ننڍڙي پيڻ جو انگل" تہ هڪ لاجواب نظم آهي.

غوث پيرزادي جو هيءُ پهريون شعري مجموعو آهي. آسان ڪي خبر آهي تہ اڄ جو سنڌي نوجوان رڳوشاعر بڻجي جيئرو نٿو رهي سگهي. معاشي مجبوريون هن جي تخليقي عمل ۾ وڏي رنڊڪ وجهن ٿيون، اهو ئي سبب آهي جو اسان ڏٺو تہ ڪيترائي نوجوان شاعر پنهنجو رڳو هڪڙوئي ڪتاب آڻي ماٺ ڪري ويهي رهيا. ان ۾ ڏوهہ انهن جو بنهہ ناهي. اڄ جو نوجوان جيڪو خاص ڪري شهرن ۾ رهي ٿو، اهو باقائدي ۽ شاندار طريقي سان پيڙجي ٿو زندگيءَ جي گهاڻي ۾. پر اهڙين حقيقتن جي باوجود اميد آهي تہ غوث پيرزادو شاعريءَ سان پنهنجي عشق جي مشق ڪي جاري رکندو ۽ پنهنجن وڏيڪ ڪتابن سان سنڌي شعري ادب ڪي سنو بڻائي رکڻ ۾ پنهنجو پيار سيڙائيندو رهندو.

"ڇيڪي مٽي" هڪ احساس آهي هڪ اهڙي ماڻهو جو جنهن ڪي خوف آهي تہ جڏهن سنڌ جا واهڙ وهڻ بند ٿي ويا، تہ سنڌ ۾ "ڇيڪي مٽي" بہ نہ رهندي. پوءِ رڳو ڪلراٺي زمين هوندي، رڄ هوندي ۽ ڪي ساهہ هوندا، جيڪي ان ۾ تڙپندا رهندا. اهو احساس اڄ جي هر نوجوان جي دل ۾ موجود آهي. غوث جي دل جي پنهنجي دنيا آهي جيڪا ڇيڪي مٽي وانگر ڪونئري آهي. جنهن اهڙي احساس ڪي ڏاڍي شدت سان محسوسو ڪيو آهي. هن شاعريءَ ڪي پڙهي وساري ڇڏڻ ڪنهن جي وس ۾ نہ هوندو.

ساهہ ۾ سانديي رکي ڇڏجانءِ تون اي ڇيڳرا،
مون ٻڌو آ چاڻ ٿو هت ڪال ٿهڪن جو اچي.

’چيڪي متي‘ احساسن جي مهڪندڙ شاعري

ديوي ناگراڻي ممبئي

احساس ئي تہ آهہ جو دل ۾ لهر پيدا ٿو ڪري . شاعري هڪ ڏات آ. سخن سازي آ لفظن جو جوڙ، اجا بہ اپياس ۽ مشق جي هيءَ راه آهي جنهن جي منزل ئي نہ آ. تا عمر لکندو رهُ پر سحرا جي پياس اٹبُجهيل جي اٹبُجهيل ئي ٿي رهي ويتر وڌيڪ لکڻ جي امنگ ٿي جاڳي. شيخ اياز جي زباني:

شاعري ڏات آ اياز، مگر
ڏات ڪهڙي هُجي نہ جنهن کي ڏانءُ.

شاعراڻو چولو پائي، چند سُهڻيون سٺون لِکڻ سان بہ قدر ٿيندو آهي پر امر ڪردار تہ اهو بڻجندو آهي
جيڪو شاهلطيف وانگر اسان کي واٽون ڏيکاري ويندو آهي:

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ ڪانهي ويل وهڻ جي.

غوث پيرزادي جي شاعري چيڪي متيءَ جي زمين تي پوکيل شبنمي شبدن جو هڪ مهڪندڙ مٺبن(گلشن) آهي جنهن ۾ سليڪيدار سُر - شبد- سُمن جو گلدانَ سجايل آهي، جنهن ۾ سُرهاڻ سمايل آهي ، ڪٿي پيار جي ورڪا ، ڪٿي درد جا سُڏڪا، ڪٿ بارش جي رم جهم ۾ مٺر گيت ڳائيندي ساري ڪائنات پريم ۾ متواري ٿي پئي ڦيرڙيون پائي، تہ ڪٿ سُج وسنءُ ۾ پئي واڪا ڪري....

رنگن جي شهر ۾ رنگي
چپن سان پاڻ رگباسين

تون گلن سان ويرڪي گهرو نہ ڪر
تنگ خوشبوءَ تي پرين پهرو نہ ڪر

فضا غمگين آ ساري اسان جي شهر ۾ سائين
خوشي ڪنهن ئي تہ آباري اسان جي شهر ۾ سائين

شاعري فن بہ آهي ۽ فڪر بہ آهي. سنڌي شعر علم عروض جي نيمن موجب جوڙيو ٿو وڃي . ’عروض‘ اهو علم آهي جيڪو شعر جوڙڻ جا ماپا ، بحر، وزن، ان جي تقطيع جا نيم ۽ قافيي جا قاعدا ٻُڌائي ٿو. شعر اهو ڪلام آهي، جو ڪنهن مقرر وزن تي، مناسب لفظن ۾ باارادي چيو وڃي ۽ منجهس قافيو بہ هجي. غوث پيرزادي جي شائري بوليءَ جي ٻل جو ۽ قلم جي قوت جو ضامن بڻجي اسان جي سامهون آئي آهي، جنهن جو هڪڙو سبب ڏات ۽

ڏاهپ جي سنجيدگي آهي. هن شعر مان شبد جي سرسراهٽ هوائن ۾ پنهنجي پڙلاءُ ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي آهي.

جهوپڙي ويران ٿي سوچي ڪڏهن
سيبتي مونکي سنواريندي اچي

شڪارين جي اکين کان جو بچي نڪتو
پکين جي شهر ۾ ماريو ويو آهي

زندگيءَ جي اُس ڪان مڪتي پائي ڇانو ۾ هڪ وڏو اُپو ساهُ پٽڻو آهي. لازمي ٻه آهي، شايد اڄڪلہ جو آدم آشا جو دامن ڇڏي روزمره جي هن جيون جي ڪشمڪش جي واديُن ۾ اُلجهي رهيو آهي، جتي خودغرضيءَ جي زهريلي هوا ڦهلجي رهي آهي، فضائن ۾ نفرتن جا نانگ وسي ويا آهن، خشڪ ڇپن تان چڻ تہ وقت مرڪ پٽي ورتي آهي. غوث جي لفظن ۾ بي درد زماني جي تصوير چٽي پئي ڏسڻ اچي.

ڪيئن ڳولهيان پيار کي ڪاٿي ملي جيڪر وڃي
ڪير آ جيڪو ٻڌائي ڏس پتو هن ڪاڻ جو

تنهنجي اک ۾ ايڏا لڙڪ ڪٿان آيا
ڪلٽي! تنهنجي ڪيچل ٿوڙي ڪير ويو!؟

اڄ اکيون رستو تڪي ڇلڪي پيون،
دل ڇيو دونهينءَ جيان دکي پئون.

سچُ ڇيو آهہ سياڻن ڪوڙن هزار لفظن کان هڪ مِنو ٻول پيار جو وڌيڪ وزن وارو رهندو آهي، شايد پيار دنيا جي هڪ اهڙي حقيقت آهي جا آد ڪان اِنت تائين پنهنجو وستار وسائي ويني آهي. سا پُل چگي جا دل ٽورڻ ڪان دل جوڙڻ ۾ڪارگر سِدُ ٿئي، جا زخم تي راحتن جو مرهم رکي سگهي. ڪويءَ کهڙي نہ سندر تصوير شبدن سان چٽي اسانجي سامهون پيش ڪئي آهي.

لفظ جذبن کي ڪهن ٿا
هر خوشي اغوا ٿئي ٿي

نارائڻ شيام پاڻ لکيو آهي "پڙهندڙ جڏهن شاعرسان تخيل جي راهہ ۾ همقدم ٿيندو، تڏهن ئي شعر جو جمالياتي لطف ماڻي سگهندو. شاعر جي اظهار جو انداز نيارو هوندو آهي. جنهن راهہ تان اُن سچ تائين پهچبو آهي اُن سفر جوئي لطف تہ پڙهندڙ کي ونڻو آهہ، شاعر جو پيرو ڪٽي." غوث جي شاعريءَ ٻہ پڙهندڙ کي پاڻ سان همسفر ناهي هلڻ ۾ سڪشم آهي. ڏسو هِن بانگيءَ ۾:

موڪلائين ٿي مني مرڪي جڏهن تون روح جي
هار مونيم تي هجر جا سُر ڇڙندا ٿا وڃن

هڪُ ارمان اِهو بہ پورو ڪرڻو آهي، جو پنهنجي سنڌ جي سوغات اسانجي مِنڙي ٻولي سنڌي پنهنجي ايندڙ پيڙهيءَ جي لاءِ اجا بہ سوگهي ڪري رکڻي آهي. اُميدن جي آس جو ڏيئڙو ٻاري پنهنجي وات پاڻ پنڌ ڪري پاڻڻي آهي. ياد جي واديءَ مان گذري پنهنجي گذريل ڪلهہ جي تجربن سان ايندڙ سياڻ جو سينگار ڪرڻو آهي . اسانجي سنڌي شاعر لڪشمڻ دبي جو هي شعر پُر اثر انداز ۾ سچ جو اِظهار ڪري رهيو آهي...

سامي، سچل، پِتائي يا شيخ، شِيام، حاسد
ڪُوتا جي ڪنوار ڪيڏيون رمٽيڪ پوتيون پاتيون.

اهڙو ئي هڪُ سُهڻو عڪس غوش جي شعريءَ جي چپن تي لرزش ڪندو پاڻ پڌرائي پيو ڪري؛

روح سندو سو رقص اجا يادُن ۾ آ
هڪڙو سهڻو عڪس اجا پي يادين ۾ آ

سچائي سامهون سِچ جي روشني ٻڌجي اسان کي هڪ سنديش ڏئي رهي آهي. آشائن جي پيڙ تي نِراشائن جا ٻوٽا پوکيل آهن، جن کي سچ جي جل جو ڇنڪاءُ وري سر سبز ڪري سگهي ٿو. اِنهيءَ لاءِ اِهو لازمي ۽ ضروري آهي تہ اِنسان جو ضمير جاڳيل رهي. جڏهن سچ جو جذبو سچ سان گڏبو تہ پوءِ گلشن جي مهڪ کي هوائن ۾ ڦهلجڻ کان ڪوئي روڪي ڪين سگهندو.

ڪيئن ڪوڙا ٺهڪ توکي آچيان
ڪيئن پٿر تي ويل ڇهرو ڇمان

زندگيءَ جي شام ايڏي زرد ڇو مونکي ڏنئي
غوث! سچ کان پوءِ وارو پهر پڇندو ئي رهيو.

اي وقت! وري هن ڌرتيءَ تي هي کهڙو کيل رچايو تو
هڪ ڏيل ڏکويل جيجل جو آ بيهر ڏيل ڏکايو تو

تو تہ هميشہ منهنجي نيڻن ۾ ڳوڙهن جا ڳوٺ اڏيا
حيف هجئي ڙي قسمت! مونکي ڪيڏو آ تڙپايو تو

ساهن جو درياءُ ڇئي تو اڄ مون ۾
هن جي ڇنري آهي ٻوڙي ڪير ويو

منهنجو اهو وشواس آهي تہ رچناڪار غوث پنهنجي سرجڻ شڪتيءَ جي ٻل تي پنهنجي سجاڳپ جو ڪو هڪ مقام حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيندو ۽ وِڪ وِڪ ملندي پنهنجي منزل تي پهُچائڻ واري واٽ وٺندو.

گهٽ ۾ گهٽ لفظن ۾ پنهنجي ڳالهہ پڻ ظاهر ڪرڻ جو هي فن لاجواب آهي. اِئن تو ياسجي جڻ خامُشي ڳالهائڻ ۾ ڪامياب ٿي آهي. داد جا ٻہ الفاظ هِن متي ماٽ لاءِ جا تنهنجي منهنجي سانجهي آهي.

'آهہ خاموشي زبان جا سانت ۾ ڳالهائي ٿي،
ماٺ جي مُڪڙين سان هر هڪ باغ کي مهڪائي ٿي'

نندپڻ جي خوبصورت ياد جهڙو شاعر

اياز جاني

غوث پيرزادي سان منهنجي ڄاڻ سڃاڻ رزاق آباد ڪراچيءَ ۾ ٿي، جتي جي سنڌي رهواسين جي تجريدي طبعيت آهي، نہ ڳوٺاڻي نہ شهري – سندن مزاج ڳوٺ ۽ شهر جي بہ واٽ تي ڏس – پتي کان بيخبر مسافر وانگر آهي. پر رزاق آباد ۾ رهندي غوث پيرزادي کي پنهنجي ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ جي خوشبو اچي ٿي، تنهن ڪري هو رزاق آباد جي رهواسين سان ذهني طور تي ڪو تعلق نہ رکندي بہ ڳوٺ جي آبهوا، خاموشي ۽ وڻن ٽڻن سان بيحد لاڳاپيل آهي ۽ جڏهن بہ هو رزاق آباد مان ٻاهر هوندو آهي، تڏهن مون کي پيءُ ماءُ کان ميلي ۾ گم ٿي ويل ٻار وانگر لڳندو آهي. روزگار جي لاءِ پنهنجي ڳوٺ کان ڌار ٿيڻ جي بي انتها اذيت ڀوڳيندڙن جي لاءِ اهو رستو، پاڻ کي ذهني طور تي توازن ۾ رکڻ جو آخري رستو هوندو آهي، انهي کي غوث پيرزادو سمجهي ٿو ۽ سندس رزاق آباد سان جنون جي حد تائين وابستگي اسان کي بہ سمجهہ ۾ اچڻ جهڙي آهي تہ ان ۾ ئي سندس جسم ۽ روح جي تازگي برقرار رهي سگهي ٿي – ڇاڪاڻ تہ سندس ڳوٺ سان تعلق عام رواجي نہ پر غير معمولي حد تائين احساساتي آهي ۽ اهو ئي بنيادي محرڪ آهي جيڪو هن لاءِ تخليق جي راهہ هموار ڪري ٿو، تنهن ڪري پنهنجي مزاج ۾ هو فطرت پسند بہ آهي تہ پنهنجي شعور ۾ فطرت شناس بہ. غوث پيرزادو پنهنجي ڳوٺاڻي زندگي، تهذيب ۽ ثقافتي سان سلهاڙيل آهي جنهن ڪري، نہ رڳو سندس شاعري جو تاڃي پيٽو ثقافتي طور تي مضبوط آهي پر سندس ڪهاڻي بہ انهي تعلق جي احساس جو پرتو آهي ۽ جنهن ڪري سندس تخليقي عمل، معروضي ۽ موضوعي حالتن جو گڏيل ۽ سياويڪ اظهار بڻجي سامهون اچي ٿو:

مرڪندي مرڪندي مرڪ بيٺي رنبي،
هارياڻيءَ مٿان ڏينهن ڏاڍو تتو

ڳوٺ سان پرين جهڙي پيار جي ڪري مون کي ساڻس پهرين ڪچهري ۾ ائين لڳو ڄڻ اسان نندپڻ جا دوست هجون. نندپڻ جون سموريون حرڪتون ۽ انهن جون پاڇمرادو پيدا ٿي ويل سڙائون گڏجي ڀوڳيون هجن، اسڪول مان رسيس ڪانپوءِ ڀڄي وڃي ”کهاڙ واهہ“ ۾ وهنجڻ، درياءَ جي ڪناري سان پيرين اگهاڙي ڊگهو پنڌ ڪرڻ، ۽ اسان سان گڏ هلندڙ وڻن جي خوشبوءِ سان واسيل هوا ۾ وڏا وڏا ساهہ کڻڻ، پنيورين پويان پنهنجا پير ڦٽي وجهڻ، پاڙي جي ڇوڪرين سان ونجهہ وٽي ۽ ڦر ڦر سونٽو دٻلي درياءَ تي، ڪيڏندي ڪنهن کي ڄاڻي واڻي هٽ هٺي وٺڻ کان ڀڄي وڃڻ تائين جي سپني منظرن ۾ غوث پيرزادو ڄڻ تہ مون سان گڏ آهي. پر مان انهن سپني يادن کي ائين اظهاري نہ سگهيو آهيان، جيئن غوث پيرزادي لاءِ ممڪن بڻيو آهي. اها سندس تخيل جي سگهہ آهي جو

هو اڄ بہ انهن منظرن کي ساري ۽ اظهاري ٿو ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪيڏو نہ سپاويڪ محسوس ٿئي ٿو:

غوث پاڇن، پنيورين پويان،
پير پنهنجا ڇنائي وينا سين

ڪيڏبو آهي پنيورين سان پرين
تو گهتي ماري الائي ڇو ڇڏين

پر انهن منظرن جي خوبصورتي رڳو نظارو ڪونهي، جيڪو اکين جي ڪينواس تي پڪڙجي وڃي ٿو پر روح جي گهرائيءَ ۾ لهي نئو سگهجي. غوث پيرزادي جو ڪو بہ شاعراڻو منظر احساس کان وانجهيل ڪونهي، اهو پنهنجي دور، پنهنجي سماج جي درد ۽ اذيت سان سلهاڙيل آهي ۽ جيئن تہ سماجي طرح غوث پيرزادو پنهنجي ورثاءُ ۾ عام رواجي شخص ناهي، انهي ڪري اها شخصي انفراديت بہ سندس تخيل کي الڳ ٿلڳ ڪري بيهاري ٿي، جنهن مان سندس انفرادي تجربي جو ڀرپور احساس ٿئي ٿو:

جي رقاصہ لڪائي ڪلينءَ پئي رڳو
لڙڪ گهنگهرو ڏيڪاريندا مون کي رهيا

رقاصہ جي انهي ذاتي ڪيفيت کي محسوس ڪرڻ لاءِ غير معمولي Extra ordinary احساس جي ضرورت هجي ٿي. غوث پيرزادي جي طبيعت ۾ ذاتي طور تي حسن يا جزاءِ جي ڪوٺ ضرور آهي پر رائج سماجي قدرن پٽاندر عام رواجي شخص قطعي ناهي، تنهن ڪري ڪنهن بہ ريت سندس مزاج ۾ منافقي ناهي، جڏهن تہ مصلحت پسندي ۽ منافقي اڄوڪي دور جا واپرائجندڙ قدر آهن جن زندگي جي قدر ۽ قيمت وڃائي ڇڏي آهي، هر طرف بيحسيءَ جي ويراني پکڙيل آهي، جتي جيڪڏهن مرڪ آهي تہ اها بہ بي معني آهي، ڪي ٽهڪ آهن تہ اهي بہ کوکلا — انهن ۾ ڀرپوريت آهي تہ رڳو مفاد جي — پر مفادن آڌار ساهہ کڻندڙ سماج ۾ هڪ حساس فرد جي حيثيت ۾ غوث پيرزادي جي نظر ۾ ذهني اذيت جو سبب رڳو اهو ڪونهي تہ سندس خواب جي اذيت پوکيندڙ اکين سامهون آدرشي سماج ڪونهي، پر هن لاءِ زندگي کي اوجهڙ ۾ اڇليندڙ قدرن سان نهي وڃڻ واري صلاح اذيت جو سبب بڻجي ٿي، جنهن تي سراپا احتجاج بہ بڻجي وڃي ٿو:

پلي تہ
صدين کان صبح جي انتظار ۾
پٽيل منهنجي تارن کي
سوئن سان ڪڍي،
چانڊهہ جي ٻن پڙن وچ ۾
ڏئي

کين پيئنو وجي ها،
منهنجا دوست!
پر تون
هن سماج جي
جڙتو قاعدن ۽ قانونن سان
ڪمپرومائيز ڪرڻ جو
مشورو ڏئي
مون سان بيوفائي ڪئي آهي
(ڪمپرومائيز نثري نظم مان ٽڪرو)

تہ غوث پيرزادو پنهنجي رويي ۾ بنهايت مثبت ۽ واضح آهي ۽ هو لاءِ وفا سماج ۾ رائج تصور جي تضاد ۾ آهي. ذاتي غرض جي تضاد ۾ آهي، مفادن آذار رشتن جي جوڙ ٽوڙ جي تضاد ۾ آهي ۽ اهو ئي رويو سندس تخليق ۽ سندس فڪر جو سرچشمو آهي، جنهن ذريعي هو انساني رشتن جي وچ ۾ خلوص ۽ مفاد جي وسيع پسمنظر کي واضح Explore ڪري ٿو. پر ان جي پسمنظر ۾ جيڪي ڪجهہ بہ آهي اهو لاشعوري آهي ۽ سندس طبيعت ۽ احساس جو حصو آهي، سندس مزاج جي اهڙي احساساتي بيهڪ ئي ڪيس سماج جي رائج قدرن جي ٽڪراءَ ۾ آڻي بيهاري ٿي ۽ مان سمجهان ٿو تہ غوث پيرزادي جي مزاج ۾ فطري ٽڪراءَ جي ڪيفيت لڳاتار موجود آهي ۽ انهي ڪري سندس شاعري ۾ مزاحمتي قوت Resistance force جو احساس شديد ۽ سياويڪ طور تي محسوس ٿئي ٿو، ۽ اڄ جي جديد شاعريءَ جو ان لحاظ کان بيحد وسيع دائرو آهي. ان ۾ جتي سماج ۾ ٻرندڙ واقعن جو اظهار بہ آهي تہ ان ۾ مزاحمت بہ آهي انهي جو ڪٿي بہ تلخيق سان رشتو ڪمزور بہ نٿو ٿئي. اهو ئي شاعري جو معراج آهي:

هاڻ ڪنهن لئہ قرآن تي وينل،
وار چانڊي پکو پئي کوهي

سنڌ جي روايتي سماج جي اذيت جو هي داخلي اظهار هن کان وڌيڪ ممڪن آهي؟ جنهن ۾ تخليقڪار جي تخليقي حيثيت بہ متاثر نہ ٿئي؟ ۽ ڀرپور احتجاج بہ قلم بند ٿئي ۽ جنهن ۾ اذيت ڀوڳيندڙ ڪردار جي ڪيفيت جو اظهار ئي لونءِ ڪانڊاري ڇڏي. ڇا اها اڄ جي شاعري جي تخليقي انفراديت نظرانداز ڪري سگهجي ٿي؟ ڇا هينئن شعرن جي انهي احساساتي تناظر کان اکيون ٻوٽي سگهجن ٿيون!؟:

ماڻڪين تي جي اولڙو آهي،
درد نوحو لکي ويو آهي

ٺهڪ ٻوري ۾ بند ٿي پهتو آ،
ڳوٺ ڪيڏو تہ اڄ لڇيو آهي

متين غزل جي شعرن ۾ سنڌ جي گلابن جهڙي ڪومل بدن تي سياسي خنجر جي گهاءُ جو ڪيڏو نہ شديد احساس ٿئي ٿو ۽ انهن ۾ ڪيترو نہ فني ۽ فڪري توازن جو حسن آهي، ڪٿي بہ ائين محسوس نٿو ٿئي تہ شاعر فن کي اهميت ڏني آهي يا خيال کي – اهو ئي توازن سندس شاعري جي احساس کي اپاري بيٺو آهي.

غوث پيرزادي جي نثري نظمن، هائيڪن ۽ بيتن ۾ جيتوڻيڪ ڪي چرڪائيندڙ احساس ۽ منظر موجود آهن، جن جو چهاءُ نهايت وڻندڙ بہ آهي پر انهن ۾ غوث پيرزادو اجان تائين دسترس جي منزل نہ ماڻي سگهيو آهي. ڪٿي نثري نظم ڪلائيمڪس کي پهچڻ کان اڳ ٽٽي پوي ٿو، ڪٿي لفظن جي تيز بارش ۾ سندس خيال جي ڪمزور ديوار سٽ نہ سهندي اچي پٽ پئي ٿي، تہ ڪٿي سندس بيت جي مشاهدي جي اڳيان غير واضح خيال جو ڪوهيڙو ڇائنجي وڃي ٿو ۽ گڏوگڏ مون کي سندس هڪ بہ هائيڪو نہ سجهيو جيڪو پنهنجي احساس ۾ انفرادي ۽ تخليقي ورتاءُ ۾ غير معمولي هجي، جڏهن تہ سندس بيت پوءِ بہ پنهنجي لفظيات Diction ذريعي اڄ جي حسيت Sensibility جي عڪاسي ڪن ٿا، جنهن سان اڄ جي بيت جي هڪ صنف جي لحاظ کان نہ، پر احساس پٽاندر اهميت اجاگر ٿئي ٿي:

ڪولي وار وڄي پئي، هوا سان گهلندي،
پرينءَ سان ملندي، ٻڄي هير ڏکڻ جي

ٻکين سورج سان، پئي آ سانجهي،
۽ هو ڏس مانجهي، ٻيڙي ٻڌي ڪپ سان

اها اظهار جي انفراديت ۽ تخيل جي ڇٽائي جيڪا سندس بيتن ۾ موجود آهي، ان جو بنياد غزل آهي، ۽ غزل ۾ ئي غوث پيرزادي جي تخيل ۽ بيساختا اظهار جو احساس ٿئي ٿو، ۽ اها جذبي جي بيساختگي ئي آهي جيڪا غوث جي طبيعت سان هم آهنگ آهي ۽ سندس غزل جي تغزل کي با معنيٰ بڻائي ٿي:

تنهنجي اک ۾ ايڏا لڙڪ ڪٿان آيا،
ڪلهي تنهنجي ڪيچل ٽوڙي ڪير ويو

ڏس تہ ناري جي ڪيئن تہ گهاگهر مان
رنگ ڇلڪي وهي پيو آهي

نيڻ خالي گهڙي ۾ ڏيئا ٿي ٻريا،
ڪنهن تہ تنهنجو وري ناءُ آهي وتو

ڏس تہ ناري جي ڪيئن تہ گهاگهر مان
رنگ ڇلڪي وهي پيو آهي

نيڻ خالي گهڙي ۾ ڏيئا ٿي ٻريا،
ڪنهن تہ تنهنجو وري ناٺءُ آهي وتو

غوث پيرزادي جي رويي ۾ جيڪا دنيا داري جي لحاظ کان اٽپورائپ نظر اچي ٿي، اها دراصل ان ڪري آهي تہ غوث پيرزادي ڪڏهن بہ سماج جي ڏيتي ليتي، اٿي ويٺيءَ، ۾ منافقي، موقعي پرستي ۽ مصلحت پسندي مان ڪم نہ ورتو آهي ۽ اسان سڀ ڪٿي نہ ڪٿي انهن قدرن جو شڪار ٿيون ٿا ۽ شڪاري بہ بڻجون ٿا، انهي ڪري سماجي سطح تي اسان جي Abnormality محسوس نٿي ٿئي، ڇاڪاڻ تہ اسان جي اڪثريت آهي ۽ غوث پيرزادي جهڙن فردن جي قطار جلدي ختم ٿيندي نظر اچي ٿي، پر پوءِ بہ غوث پيرزادي کي ان طرف ڏيان ڏيڻ گهرجي، ان کي اسان جو مشورو نہ سمجهيو وڃي ڇاڪاڻ تہ مئل سماج جي هڪ زنده شخص سان بيوفائي جو تصور ڏاڍو ڪنبائيندڙ آهي، جنهن پنهنجي سماجي طور تي پنهنجي روين جي غير معمولي تبديلي کي هڪ احتجاج طور تي مڃايو آهي، جنهن جي سندس سموري شاعري بہ ساک ڏئي ٿي.

کٿيو ئي ڪين هاريو ٿئين،
رڳو ئي خون ٻاريو ٿئين.

ڪڙو ئي بند رڪندو آ،
نہ ڪو ئي خواب ڏاريو ٿئين.

اڪيلائي ٽُڪي ٿي پئي،
جڏهن در تان ڏڪاريو ٿئين،

هجومن ۾ ٿڙيو هو پر
سناٽن مان پڪاريو ٿئين

زهر تلخي نہ سمجهائين
ڪڙو لهجو ٿوڪاريو ٿئين

ڏسي مرڪي نہ تو هاڻي
اجهو احساس ماريو ٿئين.

وري هينئڙو ڦٽي ويو آ،
ڏسي رستو مٺي وڃو آ،

رڳو پٽر هنيئين جيئري
قبر تي گل چٽي ويو آ

نيائي ٿئين ائين ياري،
هٽي نشتر ڪٽي ويو آ

جنم ارپي چڏيم جنهن کي
اهو ڪانئر لٽي ويو آ

چئي تو غوث! من هاٽي
چريو توبن جٽي ويو آ.

لـوءِ جـو جھوٽـو ئـي نڪتـين
تـون بـہ واچـوڙو ئـي نڪتـين

مـوت مرڪـيٰ ھلـو قبوليـو
تـون بـہ پر ويجھو ئي نڪتين

ساھہ ڪـان ويجھـو ھئـين تـون
ڏور پـي ايـڏو ئـي نڪتـين

گـل ڇـڏئي ڳاڙھـا ڪـري تـون
سـانورا! ڇيھـو ئـي نڪتـين

پنکـڙين سـان سـاڻ ھونـدي
پـوءِ بـہ تـون سيھوئي نڪتـين

كلندڙ ٽيٽن ۾ هڪ صحرا پالي ويٺم
تپندڙ واري ۾ ئي گهرڙو ناهي ويٺم

رات ٻه رنل چنڊ اڱڻ تي آيو هو ۽
رات ٻه هن سان لنئه اکيوٽي لائي ويٺم

پنهنجي جاني يار کي ٻاهه مان ڪڍندي ڪڍندي
دامن پنهنجو بيخبريءَ ۾ ساڙي ويٺم

طعنو هو، يا گولي هئي، يا جو ٻه هيو بس
رستي ويندي غير هنيو سهسائي ويٺم

غوث مون کي هاڻي ايڏو مجبور نه ڪر تون
تنهنجي پويان هلندي پاڻ جلائي ويٺم

دوستي جي راهہ ۾ سڀ ٿڪ ٻاري هان پُڳو
روح جي تارن پريا آڪاس واري هان پُڳو

سادگيءَ جي جام ۾ ڪجهہ زهر پي پيئندو رهيس،
ڇا ڪيان دل جو پڪي مان پاڻ ماري هان پُڳو

ڪير ٽوناسي هوائن جي شهر مان پيو سڏي
تو هرن جي ديس ۾ مان سڏ هاري هان پُڳو

راهہ ۾ واري هئي ۽ جهول ۾ پٿر هئا
ناوَ ۾ ڪمزور هئي بس غوث تاري هان پُڳو

اڪ ڪلي ئي ڪين ٽي ڪو ڪيف ويو آهي چڙهي
چنڊ جهڙيءَ سانوريءَ سان رات گهاري هان پُڳو

ڪنهن چيو هو ميت آهي زندگي،
پيار جو ڪو گيت آهي زندگي.

لڙڪ تون لاڙي وساري ٿو ڇڏين،
سرنهن جو ڪو کيت آهي زندگي.

سات ۾ هلندي گسائي ٿي وڃين،
جستجو! سنگيت آهي زندگي.

هوءِ سکي آهي رڳو لڙجي وڃڻ،
جو پلا ڪا سريت آهي زندگي.

پرهه ويلي ڪاچ ٿي گوليءَ سندو،
جو چيائين پريت آهي زندگي.

پاڻيياري ڪونه منزل تي پني،
موت ايندي ئي چيائين ريت آهي زندگي.

ساهہ ۾ پيهي وئي آ بينظير،
چنڊ تي ويهي رهي آ بينظير.

زرد چهري کي اچي کو حسن ڏي،
رات ويهي مون ڪٿي آ بينظير.

تو پڄاڻان ماندڪائي وئي وڏي،
زندگي تي وئي ڏکي آ بينظير.

تنهنجي آڳنڌ جو چڏيائين وڻ ڪپي،
ڪرت جي ڏارا تکي آ بينظير.

نانگ آ تنهنجي وهاڻي مان لڌو،
پونء ساري زهر تي آ بينظير.

آ اچي ڪو آڄپو ڏي عام کي،
ديو ڪنهن ماني ڪسي آ بينظير.

دوستن کي وساربو ناهي،
پاڻ کي ايئن ماربو ناهي.

ساهه ۾ مونجهه آ وڌي ويئي،
مرڪ کي ايئن ٽاڻبو ناهي.

ڪيئن وينين وساري نئون ديرو،
هاڻ ايڏو ته هاربو ناهي.

سرنهن ڦولارجي سڳنڌ جهڙا،
من ۾ ڪاري کي پالبو ناهي.

ٿهڪ ساندي رکي تو سيني ۾
ڳوٺ کي دل تان لاهبو ناهي.

آ تہ ڪائي راند ٽا ڪيڏي ونون،
پاڻ ۾ آهيون پرين پرچي ونون.

ياد آهي ساھ سان رکندو هئين،
ڪيئن پو ۾تو ڪانسواءِ ٽا جي ونون.

اڄ اکيون رستو تکي چلڪي پيون،
دل چيو دونهينءَ جيان دکي پئون.

ايترو وڙهندا هئاسين چو ڀلا،
آ هلي آ امڙ ڪان سمجهي ونون.

تو بناهي زندگي خالي، رُکي،
وھ ٻٽي آهي چئون ٽا پي ونون.

ياءُ پيرل جي ياد ۾ جنهن جي اوچتي لاڏاڻي اندر اڌ ڪري ڇڏيو هو

سهڻي تنهنجي لفظن ۾ هي درد ڪٿان آيو
روشن روشن چهري ۾ رنگ زرد ڪٿان آيو

ڪاريون راتيون جاڳي اڃيون ڪرڻ لڳو آهين،
چوڪر تنهنجي اندر ۾ هي مرد ڪٿان آيو.

شام لٿي ڪوتنها ڪونيءَ منجهه پيو گهٽجي،
ڪلمڪ ماڻهو ۾ رئندڙ هي فرد ڪٿان آيو

چاهيندس رستي ۾ ڀي توسان نه ملان هاڻي،
زنده ماڻهو! لهجو تو ۾ سرد ڪٿان آيو.

شايد ڪائي چوٽ لڳي آهي هن ڳيروءَ کي،
غوث ڀلا نه ته هي آواره گرد ڪٿان آيو.

اسانکي وساري سگهين ها جي دلبر
تہ خوابن ۾ شايد اچين ها نہ هر هر

کري اوت رئي پاند جنهن کي ڏنائين
اتي سو ويو هاڻي ئي هاڻي ٻاهر

صدين جي سفر بعد هاڻي وجي کو
سجاڻ لڳو آ صحيح طور ڏاهر

قسم کڻ نہ ايڏا جو سمجهڻ لڳان مان
اتئي کوٽ پاليو منا کوئي اندر

ويو عام تي آهي لفظن جو ماتم
اتي سور ونڊڻو تہ چيرن تي چر

تون اچين ٿو ساهه ۾ جڻ ساهه پئجي ٿو وڃي
تون ڏسين ٿو روح مان ڪو راڳ سرجي ٿو وڃي

واڪ واري واٽ تي توکي ڏسي احساس ٿيو
هر سچو ماڻهو هتي آسان وڪجي ٿو وڃي

جي هجي چيڪي مٽي چڪ تي ته پوءِ هن بانوري
ڪنير جي ڇهڙي ۾ منا ڪو چاهه پرجي ٿو وڃي

هرڪ جهڙو پل اچو اجرو هجي پر اوپرين!
نيٺ ڪاري ڪات سان هي پيار وڍجي ٿو وڃي

ڪيترا پي سونهن، خوشبو، سوچ تي ڏاڙا هڻي
ماڻهپي جي منڊ ۾ ڏاڙيل جهلجي ٿو وڃي

آملـي، وج كلـي، يـار هكــڙو دفعــو
پـوءِ وجي ويهـ سـهڻا يكـو تـي پكـو

راز پنهنجيءِ سان راڻا رڳي رات وئين
هاڻي ڇا لا. تئين پيو تـون ايڏو ڦكـو

مـونكي پـي پاڻ سان آهـي رولـي ويـو
تنهنجـي لـڙكن جـو سـيلاب آيـو تكـو

مـون اكـين سـان، هلـي آءُ تـوكي ڇيـو
كنڌ جي ڏوڻ سان تون ڇيو هـو نكـو

جهول قسـمن ۾ قـربن جا هيكـر پـري
پـوءِ هلـي يـار رسـڻي كـي پرڇـائبو

تــارا ڦوٽــاري تـــو ڏاڙهـــي
بــي ڏوهــي مــاڻهو تـو مــاري

غربــت تنهنجــي ورثــو آهــي
ســيٺ چئــي تــو انــدر ڳــاري

ان جـو ڪهـڙو مـذهب آهـي؟
جيڪــو جيئـرا مــاڻهو ســاڙي

هن اونداهي ڌرتـيءَ تـي ڪـو
آهـــي جيڪـــو ٻــارڻ ٻــاري.

کيچلي اوچوکري وسرين نہ ٿي
تصور جي پينگهہ تان ٻہ لهين نہ ٿي

ٻارناهين هاڻ تون ٻاهر نہ وڃ
کير پي توکي چئي سمجهين نہ ٿي

واھہ جي کڙ کالھہ ويڳاڻي لڳي
مال کاهي چو هتان گذرين نہ ٿي!؟

چو رني آن شاعريءَ جيان ڇيڳري!
ڏات جيان منهنجي اڱڻ ايرين نہ ٿي

چپ پکوڙي ٿي هلين محفل ۾ تون
چو کلي دل سان هتي ٽهکين نہ ٿي.

زندگيءَ جي نرم ڪيڙيءَ کي دٻائين ها نہ تون
بي رخيءَ جا ساھ تي سانهر گهمائين ها نہ تون

گل چمين ۾ چاھ جا جيڪي رهيا هن پاڻ ۾
اوسڪي! رستا اهي مون کي ٻڌائين ها نہ تون

نيڪ آ منهنجي مٿان تو ها ڪيا احسان ڪي
اپ نہ ٿي ڦاٽو، اهي هر هر جتائين ها نہ تون

سڀ مڙي ذلتون اچي توساڻ گڏجن ها اگر
سور دل وارو سين آڏو لڪائين ها نہ تون

نوڪري هن لاءِ تو وٽ جي نہ هئي موزون ڪا
آسرن ۾ ايترون هن کي رلائين ها نہ تون

چاهتن جا قافلا پي ڏور ٿيندا ٿا وڃن
سار جا سارا پکيئڙا سور ڏيندا ٿا وڃن

تنهنجي نيڻن مان نيون آچون پسي ائين لڳو
موهه جي ميدان تان ڪي مور ٽلندا ٿا وڃن

موڪلائين ٿي مني مرڪي جڏهن تون روح جي
هار مونيم تي هجر جا سر چڙندا ٿا وڃن

تون نہ آئين، تون نہ آئين، تون نہ آئين پوءِ پي
روز آڳر جي مٿان ڪي ڪانگ لنوندا ٿا وڃن

هر گهڙي چرچن گهبن مان ڳالهہ پهتي ٿئي اتي
ٻار پي توکي شهر جا ٻار چوندا ٿا وڃن.

اسان ڏي ڪري منهن وڏي واڪي ڪلجان
اچي مينهن موسم تہ هيڏانهن اچجان

ڪرڻ شاعري مان لڳو آهيان توتي
اچئي ياد منهنجي تہ نظمن ۾ ملجان

جدائي تہ جيئڻ کي بخشي ٿي معنيٰ
اها پڪ ڪرڻ لئہ پنائيءَ کي پڙهجان

ڏيڻ جي لڳن ويڻ توکي وري جي
منا منهنجي قوتن کي البم مان ڪڍجان

ڇڏي آ ويو غوث کي کو اڪيلو
مگر هن کي گوندر اڪيلو نہ ڇڏجان.

البيلــي او اوڏڻ! تنهنجــي هســـڙن موهيـــو آ
تــو موهيــو آ مــونکي تنهنجــي گجــڙن موهيــو آ

پاسي تــي پهرياڻ پــري کــو مــون ڏي موکــل تــون
تنهنجن سهڻن سهڻن مــون کــي! هٿڙن موهيــو آ

ايــڏو ســرمو پــائي آئــي آهــين کنهنجــي لاءِ
هرٽــيءَ جهــڙي ٽــاهڙ تنهنجــي اکــڙين موهيــو آ

مــن انــدر ۾ اڇلــون کــائي تنهنجــي لاءِ پريــت
ويتــر تــوکي پاتــل تنهنجــي چــوڙين موهيــو آ

ماڙين ۾ دم گهٽجي منهنجي روز چئين ٿي تــون
پکــڙا ســمجهين ســاهه سـڳوتن پکــڙن موهيــو آ.

ﭘﮕﻲ دل جا هيڪر سڄي ڪا نہ ٽيندي
وري بيوفا سان لڳي ڪانہ ٽيندي

ﭘﻠﻲ پيار ڪيڏو بہ ڪنهن سان ڪري
مگر ماءُ ويڳي سڳي ڪانہ ٽيندي

ﭘﻠﻲ ڳاڙهي مان سائو جهولايا جهندو
پنهنجي قوم سان پر نڳي ڪانہ ٽيندي

مون صوفين جي سنڌڙي مان ورتو جنم آ
ﺑﮅي ڇڏي تہ مونکان مڳي ڪانہ ٽيندي

تـون گلـن سـان ويركـي گهـرو نـہ كـر
تنـگ خوشـبوءِ تـي پـرين پهـرو نـہ كـر

چنـڊ كـي هـڪ وار تـون چمكـڻ تـہ ڏي
بنـد پـردي ۾ چـري چهـرو نـہ كـر

آ پـرين هـن بونـد ۾ گـڏجي گهمـون
بـي سـبب تـون پـاڻ كـي كهـرو نـہ ڪ

هـر گهـڙي جنهنكـي گهـران تـازو ڏسـڻ
تـون پـرين تـنهن پيـار كـي ميـرو نـہ كـر

غـوث سـان گـڏجي گـذارج ڪـي گهڙيـون
خوامخواهہ هن كان تون منهن ڦيرو نہ كر.

پليڪار چئي هئيسين مرڪي اوهانڪي
اوهان پر ڏنو ڪيئن جرڪي اسانڪي

ڏڪن جا ڏڌل ڏيهه واسي اسان
سڪن جي پياريو ڪا سرڪي اسانڪي

ڪٿي مرڪ جا تون خزانا گهمين ٿو
مگر وقت ڏئين ڇو ٿو ڪرڪي اسانڪي

اسان شينهن جي دل رکون ٿا ازل ڪان
تون سمجهين ٿو شايد ڪا ڄهرڪي اسانڪي

اسان جو اوهان سان نئون نينهن ناهي
پرين پوءِ تڪيو ڇو ٿا ڇرڪي اسانڪي.

تنهنجي مرڪڻ جو مونکان اندازنہ ٿو وسري
ڪيئن وساريان دلبر تنهنجو ناز نہ ٿو وسري

دوريءَ جو احساس اندر ۾ پيو ٿو وڌ وجهي
توبن ڦٽڪڻ جو جيڪو آ راز نہ ٿو وسري

سنڌوءَ ڪپ تي هڪڙي پيري ڪلندي ڪلندي جو
تنهنجي چيڙن چوريو هو سو ساز نہ ٿو وسري

ڪائنرتا جي فطرت هوندي ڪوتا جو ڪيڏو
ماڻهن ۾ ٿو آندو هو بياض نہ ٿو وسري

ايم آردي تحريڪ جي نالي ۾ سنڌي ماڻهن
حقن ونڻ لئہ ناهيو هو محاذ نہ ٿو وسري.

هن ڏني آ ڪالهه ڪوني تان چڙهي سا ماڻجو
اڄ هوائن کي چيو مون، مرڪ کي پي آڻجو

ڪيئن ڳولهيان پيار کي ڪاٿي ملي جيڪر وڃي
ڪير آ جيڪو ٻڌائي ڏس پتو هن ڪاڻ جو

رهزنن کي هاڻي ڪائي چوٽ ڏيڻي ناهه جو
وقت آ گذري ويو پيارا ڪڏهن کنهن ڪاڻ جو

رات ساري آهي ٻڙڪيو خون من جي ماڳ تان
دل اندر دلبر هنيون تو آهي مونکي ٻاڻ جو.

آ رڳو ئي گندگيءَ جو ڍير تنهنجي ذهن ۾
ڪيترو پڙڪي رهيو آ وير تنهنجي ذهن ۾

علم ۽ ڏاهپ حوالي سان سڄاتو تو وڃين
پوءِ بہ هيڏو ساترو آ مير تنهنجي ذهن ۾

تنهنجي ڳالهين مان ڪنا ڪيڏي نہ ٿي بدبوءِ اچي
ايتري خوشبوءِ هاري ڪير تنهنجي ذهن ۾

دوستيءَ جو چيهہ ڪڍٽو ئي پيو اڏ موڙ تي
جو ڏٺي مون رات ۽ انڌير تنهنجي ذهن ۾.

نيٺ مايوسي ئي مايوسي ملي تنهنجي دران،
ڪو نہ نظريو پيار وارو پير تنهنجي ذهن ۾

روح سندو سو رقص اڃا پي يادن ۾ آ
هڪڙو سهڻو عڪس اڃا پي يادن ۾ آ

هير جيان گهلندي ايندو هو ڳوٺ اسان جي
ساهه ڪان ويجهو شخص اڃا پي يادن ۾ آ

ناحق ننڍڙي پيٽ وڏي هو ٽاٽي پهتو
مروئن جهڙ نفس اڃا پي يادن ۾ آ

مڪليءَ ويندي رستي وچ تي گاڏي ڪي جو
ٽي پيئڙو هو نقص اڃا پي يادن ۾ آ

تنهنجي رويئي جي ساونڻ جو اڄ پي ساول!
ساهه گهٽيندڙ حبس اڃا پي يادن ۾ آ.

پيــڙ کهـــاڻي ســـمجهائي تــو
دل جــو ڏڙڪـــو ڳالهـــائي تــو

مــن کــي تنهنجــو ســندر ســندر
ســـپنو کـــوئي ريجهـــائي تـــو

تنهنجــي ياد تنبــوري تــي کــو
مومــل راڻـــي کــي ڳـائي تــو

هيڪــل بســـتر تــي اڄ مــونکي
چنــڊ بــہ چهنــڊي جــڙ پــائي تــو

چانـــڊوکي آچهـــرو تنهنجـــو
مــن آڱــر کــي جرڪــائي تــو.

ادائـــن جـــو كـتـــل آهيـــان
جفـــائن جـــو كـنـــل آهيـــان

بـــڏايان ڇـــا پـــرين! تنهنجـــي
وفـــائن جـــو كـنـــل آهيـــان

نـــ ڏي مـــونکي، اڳهـين پيـــارا!
دغـــائن جـــو كـنـــل آهيـــان

بـڌو صـــوفي سـيئي سـنڌ جـا
انـــائن جـــو كـنـــل آهيـــان

پرهـــ جـــي كيچلـــين هيـــرن
هـــوائن جوكـنـــل آهيـــان.

ايڏو جلدي منجهي ويندين سوچيو هو نہ پرين!
باھ اماڙيون مون کي ڏيندين سوچيو هو نہ پرين!

چاھ چيو هئم توکي پر هئي کھڙي کل مونکي
ڏاريو سوئي ڏاريو ٽيندين سوچيو هو نہ پرين!

سايان ۾ کاوڙ جي آيس توسان جڏهين مان
خوابن ۾ تون پرچائيندين سوچيو هو نہ پرين!

جيون سارو رڄ مثل هو ويتر تون مونکي
سورن معنيٰ سمجهائيندين سوچيو هو نہ پرين!

مون فطرت سان ٽڪرو ڪاڏو
تن اوڍڻ لئه ڪپڙو پاتو

نيٽن ڄاريءَ ۾ ڪو آهي
ڪومل ڪومل سپنو ڦاٿو

تنهنجي ڇاتيءَ تي اوڇوري!
منهنجي اک لاٿون ڦيرايو

پنيورين جي پويان ڀڄندي
بالڪ ڪي آ ٿابو آيو

غوث هزارين آهن هتڙي
جن جو من آهي تاسارو!

گهايل من ۾ گهايل جذبا
ڊير لڳي ويا آشائن جا

مرڪن بدران منهنجي نيڻن
رات سڄي هن لڙڪ ڇڻيا

اڻٿهين جي رات ستارن
سان ويو چنڊ ڪري روساما

هيل به تر ۾ بارش ٿيندي
مارن جا ڪي ميلا ٿيندا

پل ۾ پتر پل ۾ مڪڙي
غوث ڪرين تو ڪيڏا ماڻا!

ڪو ساهہ پيو ڦٽڪي
ڪو چاهہ پيو ڦٽڪي

من چوديواريءَ ۾
ويساهہ پيو ڦٽڪي

تنهنجو وڍيل جيڪو آ
سو لاهہ پيو ڦٽڪي

سندريءَ لاش منجهس آ
ڪيئن واهہ پيو ڦٽڪي!

ٿياس ٿنگيل آ باغي
ارواح پيو ڦٽڪي.

ڏکن جو وڏو ٽم جو سرمو اکين ۾
چئي ٽي، ”رنو آهي“ ويهي سکين ۾

پڳا کين سانجهيءَ مهل تائين گهر هو
سڄو ڏينهن گوليون هليون هن ڳلين ۾

اسر جو اٿي ٽا وڃن پيٽ کارڻ
صفائي ڪرڻ لاءِ ۽ ينگي ملين ۾

لڳي ٽو لکل درد آهي صدين کان
جتن جي ٻڌيون هن انن کي ٿلين ۾

اچي آ ويو دور ترقيءَ سندو پر
ٽري اڄ ٻه پاٽي يرين ٽا کلين ۾.

ساهہ سڏي ٽو ٽوڪي جانم!
آءُ هلي تون هيڏي جانم!

لفظن جو جادو گر ناهيان
شاعر چئہ تون مونکي جانم!

هيڪر رابيلن کي اڄ تون
سيني ساڻ لڳائي جانم!

نيڻ اوهان جا، پنگ ڪٽورا
ڏيندا آهن گهوٽي جانم!

ڏس اوير ڪان پرهہ کي سورج
”هات“! چئي ڪيڏائي جانم!

جـــي آهـــي اڪيلائـــي تنهنجـــي انـــدر ۾
رڪـــين چـــو نـــ تـــو مـــرڪ مـــن جـــي منـــدر ۾

چـــي ڳالهـــ تـــوکي لڳـــي تـــي جـــي ڪـــا يـــي
نـــ ڪـــر ســـا ڪـــڏهن يـــار ڪنهنجـــي جبـــر ۾

ڏکـــن کـــي گهـــٽو جـــي ڏئـــي تـــو ســـگهين تـــون
ســـويري هلـــسي آ ســـکن جـــي شـــهر ۾

بتـــي تـــي گهـــري تيـــل هڪـــڙي رپئـــي جـــو
تـــڏهن آنـــڌيرو غريبـــاڻي گهـــر ۾

نـــ تـــو هـــر نـــ ڪنـــدو نـــ آهيـــان ٻيـــر ڪـــو
هميشـــ رهـــين تـــو وڏڻ جـــي چڪـــر ۾

سـجو ڏيـنهن آ شـا جـو لاشـو ڪلهـي تـي
وجهـــي تـــا چـــڏيون شـــام ڏاري قبـــر ۾.

مرڪ ڪندر ۾ وئي گم ٿي اٿم
وقت جو هيڏو ستم سرتي سٺم

جڻ تہ چولي سمنڊ جي آئي وري
گھر وري واريءَ سندو ڍهندي ڏٺم

يار هئا سڀ غرض جي ڏر ۾ لڪا
هڪ دفعي حالات جهنگل ۾ اڙيم

تهمتن جي ڏيهہ ۾ گذري عمر
لفظ گولي تي لڳا ڪنڊ جو ڪنيم

اڄ وري مون آلبم کولي ڏٺو
اڄ وري توکي ڏسي روئي پيم.

مـــــرڪن دروازو پوريــــو آ
دردن آذر پـــــاءُ ڪيـــــو آ

تنهنجـي لهجـي ۾ سـانوڻ جـي
جهـــولي جهـــڙو واءُ گهليـــو آ

گهايل من ڪي گهوڙا ڙي! ڇو؟
تـــولفظن جـــو ٻـــاڻ هنيـــو آ

ڪـــاهوڙيءَ جـو منــزل وينـدي
پيـــــڙائن ۾ ســـــج لٿـــو آ

تنهـــا تنهـــا تـــوڪي ڳـــولي
جيـــون هـــاڻي يـــار ٿڪـــو آ.

روشــني اغــوا تئــي تــي
زنــدگي اغــوا تئــي تــي

لفظ جذبن کي کهن تا
هر خوشي اغوا تئي تي

شهر يي سڏکا جڻي تو
مرڪ يي اغوا تئي تي

ڏوڪڙن جي زور تي اڄ
شاعري اغــوا تئــي تــي.

ماڻڪين تي جو اولڙو آهي
درد نوحو لکي ويو آهي.

ڏس تہ ناريءَ جي ڪيئن تہ گهاگهر مان
رنگ ڇلڪي وهي پيو آهي!

منهنجي آڪيري ڪي ڏئي تيلي
موت مون تي ڪلي رهيو آهي

ٿهڪ ٻوريءَ ۾ بند ٿي پهتو آ
ڳوٺ ڪيڏو تہ اڄ لڇيو آهي

قيد ماضيءَ مان ٿي ليئا پائي
مرڪ مون لاءِ حوصلو آهي

جهوپڙيءَ ۾ لڇي ۽ ٽڙپي هو
ساهہ جَي ڏورسان وڙهيو آهي.

سپنن جا رانديڪا ٽوڙي ڪير ويو
ڪاوا منهنجي من ۾ ڪوڙي ڪير ويو!؟

باک تہ مرڪي جيون گهارڻ چاهيو هو
ڪوئل ڪوڪون، هن سان جوڙي ڪير ويو؟

ڪوهہ مان نڪري ڪوهہ ۾ واپس آءُ ڪريس
منزل جو رخ مونڪان موڙي ڪير ويو؟

تنهنجي اک ۾ ايڏا لڙڪ ڪٿان آيا
ڪلٺي! تنهنجي ڪيچل ٽوڙي ڪير ويو!؟

ساهن جو درياءُ چئي ٿو اڄ مون ۾
هن جي چنري آهي ٻوڙي ڪير ويو

شهر ساري ۾ اهي آواز هئا
گل مروڙي پير هاٿيءَ جا ويا

زندگي هر موڙ تي ڏيندي رهي
راهه ۾ ڪاوا ڪندا ۽ حادثا

آڳ واري شهر ۾ جائي هئي
جر، ڄيڀون ٿانڊا هيس رانديڪڙا

تنهنجي اوسيئڙي ۾ ٻڌ او سانوري!
رات رستن کي نه آئي ننڊ آ

سال ڪان پوءِ ڳوٺ ۾ آهيان پڳو
تو لڳي پيو اوپرو ۽ بيوفا.

اڄ وري بارش چئي تي مان اچان
ٿوٽ نيڻن تي وري هيڪر وسان

آ تہ هڪ پيرو چري! چنڊ اوٽ ۾
تنهنجي ڇاتيءَ تي ٽڙيل مڪڙي ڇمان

زندگي هر دور ۾ آهي وڙهي
موت جي ڪوجهي ڪني راڪاس سان

چاهنا جي موت مونکي آ ملي
بي رخي ۽ نفرتن جي ڏير سان

تو الائي ڇو هميشہ ئي گهريو
غوث جي ڪي جهول ۾ ٽاندا وجهان!

چنڊ جهڙ سان جنگ جوٽي اڀ تي اڀري پيو
پوڳڻائن جو سفر پيو اڻت تي پهچي پيو

ڪيترا ٿي رنگ بدلي زندگيءَ جي چوڪري
هو به پاڪر ۾ پري پوءِ ساھ ڪي ساهي پيو

وات تي تالا هڻي جنهن ٿي چيو چو ٿا جيئو
سوئي سوريءَ تي چڙهي اڄ سانت ڪي ٽوڙي پيو

دوستي گم ٿي وئي آهي، هوائن کان پڇو
شهر سارو بي رخيءَ جي باھ ۾ پڄري پيو

مرڪ چورائي چپن تان پوءِ ڏاڍي شور مان
وقت منهن ۾ گهنڊ وجهي مونڏانهن ٿو گهوري پيو.

دل چئي ٿي ته اڄ رئان جانم!
دل چئي ٿي ته اڄ رئان جانم

ڪير ڳوڙها ڏئي ويو آهي
نيڻ مونکان پڇن پيا جانم!

ياد مونکي ڪري رني آهين
اڄ ٻڌايو پئي هوا جانم!

رات آهي اماس آڱرتي
چنڊ ٻٽجي هلي ته آ جانم!

رات رستي ۾ نيڻ ٿاتا هئا
لڙڪ مون تي صبح ڪليا جانم!

هوا رات مونکي ستايو هيو
تنهنجي ياد هر هر رئاريو هيو

لڳو هو تہ مرکي پيو چنڊ آ
جڏهن سونهن درشن ڪرايو هيو

روايت جو سيسر وڏي فخر سان
پٽي ماس سهڻيءَ جو آيو هيو

وڃي نوڙ ڏگريءَ سندي ئي ڳلي
پنهنجي زندگيءَ کي ڪپايو هيو

سدا روح تي گهاو گهرا رهيا
ڏنو تو پرين ڪجهہ سوايو هيو

زندگيءَ جي جهور پوڙهي عڪس کي ويٺي چٽي
بارڙي منهنجي اندر جي وقت سا پئي ٿي وڙهي

شام جي پيلي وڳي تي رات ڪارنهن آ ملي
چو نہ دردن ڏن بڻائي ظلم هن کي ڳائجي

ڳوٺ جا منظر ويا ڪاراٽجي ڪنهن لوءَ ۾
هير ٽڏڙي! گهل تہ مان ڳولهي لهان ڪنهن ياد کي

وقت جو ڏاڙيل پنهنجو ڏاڍ ڏيکاري پرين!
لڙڪ مونکي آ ڏئي ويو ٺهڪ هو زوريءَ کسي

غوث ايڏي زندگي کان بي رخي ناهي چڱي
آمزو تڏهين جڏهن ڪنهن بيوفا کي پائجي

مرڪ ڏاڳي سان من وهاڻي تي
پرت گوري پري وئي آهي

هاڻي ڪنهن لئہ قرآن تي وينل
وار چاندي يڪو پئي ڪوهي

چونہ ٿهڪن جي سهڻڙيءَ مان هو
تو ڏٺو ڪربلا جي منظر کي

راڪ رومال ٽيو ڳيا پرزا
ڪنهن پريو هو پيار مان جنهن کي

غوث پاڇن پنيورين پويان
پير پنهنجا چنائي ويناسي.

ساهہ جي ڏوري پئي آهي ٽٽي
راهہ ۾ گم ٿي وئي آ دوستي

شام اڄ خوشبوءِ کان خالي هئي
ڏور شايد ايڏو آن نڪري وئي

تون هئين پر ٿهڪ تنهنجا ڪين هئا
ڪا نہ هئي محفل ڪڏهن ايڏي بسي

ڪيڏبو آهي پنيورين سان پرين!
تو گهٽي ماري الائي ڇو ڇڏي!؟

سوچيم ٿوهر بہ شايد ڇانو ڏئي
مونسان منهنجي دور ڪئي آهي ٺڳي.

سحر کان اڳي ئي اجهامي وياسين
تنهنجي شهر مان اڄ اڏامي وياسين

هئاسين نہ جي رات ڪاري پرين پوءِ
نہ چاهيندي پي چو وهامي وياسين

گهلي شهر پنهنجي تي اهڙي هوا جو
رڳو ٻن ٽڪن تي وڪامي وياسين

وري شهر تنهنجي ۾ اچبو نہ ڪڏهين
تي اڄ بيوفا سان ڪلامي وياسين

قسم هو ڪنيل عمر ساري ٽهڪبو
رهڙ ٿورڙيءَ تي ايامي وياسين.

چلولـو چـوكرو پئـي رنـو شـام جـو
كو تہ كاتا كري ويـو لغڙ پيار جو

رات اســتاد منظــور وينـــي ٻــڌم
مـن اگـڻ تـي لهي پيـو وحي سـور جـو

چـوڏهين چنڊ پيـو آهي ڌي ٻـي مـزي
تـي پيـو ڌس وري اج ٽڪـر هيـر جـو

ٻاروتڻ جـون سـيئي ڳالهيون دوسـتو!
هر ڦڙو ڌو ٻڌائي مـونكي مينهن جـو

ٺهـڪ ڏئـي ايتـرا غـوث كلندو نہ كـر
ڇيڳرا! ڏس چكي كو مزو گهاو جو.

نيــنهن نيسٽن ۾ وري آيــو لــڏي
ڳــوٽ ڳــوڙهن جــا پيــو ٻيهــر اڏي

سوءَ ۾ ساري عمر گهاري ڇڏيئي
نيٺ اڄ سڏڪي ڇيـو مونکي ٽڏي

ٺهـڪ ايـڏا بـي وفـا ڀـي ڪـين هـا
ڇو ويا ڀوءِ هيڪلو مونکي ڇڏي

رات منهنجـا سـج روزانـو ڪنـا
ٿي پلو ان ڪان اڪو مونکي سڏي

ڇهـ ڇنا ٽـو ڇوڪريءَ جا ڇوڪرا!
هاڻ ڪنهن جي اوٽ ۾ ايڏو ٽڏي.

بونـد هئـا جـڻ پڄائينـدا مـونکي رهيـا
تهـڪ تنهنجـا ڪلائينـدا مـونکي رهيـا

نـيڻ تنهنجـا پنـل درد جـي گيـت جيـان
رات ســاري رئارينـــدا مـــونکي رهيـــا

سونهن منهنجـي اجـا ڪانـ ڪاتـان ملـي
خواب جهر جهنگ رلائيندا مونکي رهيا

رات ڪينجهـر ڪنـاري ڪنـول نيـرڙا
يـاد تنهنجـي ڏيارينـدا مـونکي رهيـا

جـي رقاصـ لڪـائي ڪلـينءَ پئـي رڳـو
لڙڪ گهنگهـرو ڏيڪاريندا مونکي رهيا

غـوث! ننـديڻ ۾ ڏاڍو هئـين چيڳـرو
يـار تنهنجـا ٻڏائينـدا مـونکي رهيـا.

دل جي ڏڙڪن مٿان اڄ بنهه اوچتو
پيسر هن جا ويا ڇاپجي دوستو

هٿ گلابي ڇڏائي هلي آ وئي
ڪالهه جيڪو چمين سان هيو مون رتو

نيڻ خالي گهڙي ۾ ڏيئا ٿي ٻريا
ڪنهن ته تنهنجو وري نانءُ آهي وتو

مرڪندي مرڪندي مرڪ بيٺي رنبي
هارياڻيءَ مٿان ڏينهن ڏاڍو تتو

ڪنهن ڇنا قول ٿهڪن جي ٿاريءَ منجهان
ڪو ٻه ان سانحي جو نه ڏئي ٿو پتو

گـم تيـل جـڻ ٻـار ڳوليـنـدا رهيـا
نـيڻ تـوکي يـار ڳوليـنـدا رهيـا

سـچ پويـان جـي چڙهيـا هـر دور ۾
کنـڌ کوپـا، دار ڳوليـنـدا رهيـا

چـپ اجـارا تـوهرن جـي شـهر ۾
ريشـمي کـي وار ڳوليـنـدا رهيـا

سـرد لهجـن جـا کهـاڙا هـر طـرف
چهـچ سـاوا ڏار ڳوليـنـدا رهيـا

يا عمـر پنهـنجن ڏيکاريون چوچڙيون
۽ پـراوا ڏار ڳوليـنـدا رهيـا

چـو ضـميرن جـي متـاهينءَ کـي هتـي
غـوث! اونهـا غـار ڳوليـنـدا رهيـا

هو چپن جي شاهراهن تي تہ هلندو ئي رهيو
پوءِ بہ اندر ۾ ڪٿي ڪا تاس رلندو ئي رهيو

جو رڻو هو پنهنجي ترڪان ٿورڙيءَ ڪِنهن ڳالهہ تي
تي جنوني مينهن وانگيان رات وسندو ئي رهيو

مون تہ چاهيو هو سدائين ٿهڪڙا ڏيندي رهن
نينهن اکڙين سان ڳنڍي ڪو سمنڊ نچندو ئي رهي

درد ٻڌجي شاعري آئي قلم جي پونءِ تي
چيٽ جهڙي لوڪ ڪا تخليق گهرندو ئي رهيو

اوچتو گم ٿي ويا هئا روشنين جي شهر ۾
ٿهڪ ڳوليندي ڳلين ۾ ڳوٺ ڳهندو ئي رهيو

زندگيءَ جي شام ايڏي زرد ڇو مونکي ڏنئي
غوث! سچ ڪان پوءِ وارو پهر پڇندو ئي رهيو.

خالي پڳي ويساھ واري ناءُ آ
ھن دل مٿان ڌرتيءَ جيڏو گھاءُ آ

گولي ڳھي وئي سمنڊ واري شام کي
وچ روڊ تي ڦٿڪي مئو کھڪاءُ آ

اڳ چال ۾ ٽانڊا وجھي گھمندي ھئي
رومال تي جنھن اڄ پريو سو داءُ آ

ٿوھر ڦٽا ٿئي لفظ لفظ ۾ ڪيترا
ھر ٽھڪ تنھنجو ٿي ويو ايذاءُ آ

نيٺن ۾ ٿر سانڍي رکيو ھئم اوچتو
اڄ ياد تنھنجي ٿي وئي درياءُ آ

تـہ واٽـي تـي ڦٽڪـي ميـون خواهشـون
مـوهن جـو دڙو ٿـي ويـون خواهشـون

نـہ پوريـون سگهيون ٿي تـہ لاهي هنيـر
پتـين تـي وري ڪـي نيـون خواهشـون

ڳچـيءَ ۾ وجهـي نـوڙ نـاريءَ وري
منهن جي وري سان ٽنگيـون خواهشـون

نـہ ئـي رات ڪـاري ڪٽـي ۽ نـہ ئـي
صبح جي پهـر جيـان ڦٽيـون خواهشـون

رقاصـہ جـي پيـرن ۾ ڇيـرين جيـان
سـڄي رات آهـن وڄيـون خواهشـون.

هر لمحو سيلهه جيان چپي هاٽي
شام ويران تي رهي هاٽي

سار دونهين تہ ناهي پوءِ چا لئہ
دل جي آڳر تي تي دکي هاٽي

امرتا ڪاري ويس ڪي اوڍي
ڪيئن تربت تي تي اچي هاٽي

هو نہ ايندو چرين جيان هن کي
سمنڊ جي هير تي سڏي هاٽي

همعصر ڪنهن ڇهيو آ پٿر کي
۽ پٿر پيو ڏکي هاٽي

(شيخ اياز جي مرتئي تي)

جت پيڙ باهيون هجي سارو شهر
تلخ لهجا ات رهن ٿا ڪارگر

پوپٽن جون ڳالهيون وينو ڪري
ڪالهہ جهرڪيءِ تي هلايو ٽئين خنجر

لفظ اگرا ڪين هئا پيدا ٿيا
جنهن سمي سقراط پيتو هو زهر

قوم، ٻولي ۽ ڪلا ڪي ڳولجو
مون تہ ڏاريو آهي اپنايو اثر

ـو لتا ٽئي رنگ ٻڌندي ئي غزل
بي فڪر ۽ بي وزن سمجهين ٿو گر

ساز ڇيڙي ڇو رنينءَ اوڳائٽي!
باک جو جهونٽو هئينءَ اوڳائٽي!

ياد ٿئي تاريخ جي ڪنهن موڙ تي
ناز ڪي رولي وئينءَ اوڳائٽي!

سار جو هلڪو انو پئي مينهن ۾
هير جيان مون تي گهلينءَ اوڳائٽي!

طالب المولىٰ تہ سنڌ ۾ ڪوڙ هن
ڇو نہ رونا تون ٻٽينءَ اوڳائٽي!

* خيرپور رياست جو مير علي نواز ناز
* سنڌ جي مشهور ڳائڻي رونا ليليٰ

نيڻ ڪنوٽين جيان ڪنوي پوندا ڪڏهن
لڙڪ تنهنجا ڳل تي پوندا ڪڏهن

موسمون برسات جون! ايندیون وري
ٿهڪ تي ڪا بانسري پوندا ڪڏهن

چوطرف هبڪار ٿيندي پيار جي
نيهن جا رشتا ٽڙي پوندا ڪڏهن

رات چيري نڪرندو روشن صبح
راهه جا پٿر ٽٽي پوندا ڪڏهن.

سار ۾ هر ساهہ جيان توکي رکان
ذهن ۾ نقشو چٽي تنهنجو چڏيان

ياه تنهنجي تروورا ٻڌجي وئي
دل تہ چاهي ٿي چٽو تو کي ڏسان

ڪيئن ڪوڙا ٽهڪ توکي آڇيان
ڪيئن پٿر ٿي ويل ڇُهرو چمان

رنگ بدلائي سگهيو آهين نہ تون
پوءِ بہ چاهين ٿو تہ ساندن ۾ رهان

هيڪلائي هونئن پي آهي اٿل
ٿوروڙو ئي چو نہ توسان جي وٺان

بندشن جي خول مان سهٽا ڪڍهن
پاڻ آجو ڪر تہ مان جهومان نچان

ڏوپجي ويندي سموري گندگي
روءُ دل ڪولي ڪڍهن آڪاش جيان.

اڏي آ سار اڄ تنهنجي اڱڻ تي گيت ڳائيندي
اسان جي بيقراريءَ جون اڇي ڳالهيون ٻڌائيندي

نہ تو جهڙو مليو ٻيهر اسان کي جڳ سموري ۾
نہ هو معلوم تنهائي اسان کي روز کهائيندي

رڪان ڪنهن وٽ لڪائي ٿهڪ خط ۾ ڊائريون هن جون
ٻڌو آ سمنڊ تي اڄ ياد جون ٻيڙيون جلائيندي

کهلي وڃ هير جي جهوٽي جيان ٻوسانجي تو من
پرين! هيءَ بي رخيءَ جي سانوٽي هڪ ڏينهن ماريندي

نہ سي ماڻا نہ چرچا يوڳ چوريءَ چال ويا ڪاڏي
چون ٿا پرڻجي وئي آ، ادائون ٿياس چاڙهندي

اڄ ڪنوڻ آهن ڪيا ڪجڪار منهنجي ڳوٺ ۾
۽ سيئي موٽيا وري هن پيار منهنجي ڳوٺ ۾

ڪوڙڪيءَ ۾ ڇوڪري ڦاٿي ڪراچيءَ شهر جي
ڪيئن ڏسي سا سرنهن جي ڦولار منهنجي ڳوٺ ۾

بي حسيءَ جي ملڪ ۾ قيمت پڇيائين لڙڪ جي
سڀ ڪندر ٿيا پيار جا آثار منهنجي ڳوٺ ۾

رئيس ناچو ٿي نچيا ۽ ٿي پيا هئا شوق مان
ووٽ جي اسٽيج تي فنڪار منهنجي ڳوٺ ۾

ڪو نه سهندا ڪانئرو! هاڻي جبر ۽ ڏاڍ ڪي
ٿي پيا مسڪين ٿئي هالار منهنجي ڳوٺ ۾

ماري پهتا بيلي ۾ اڄ بيلو چرڪي ٿو
آڪيري مان پڙڪو ڪائي ڳيرو اڏري ٿو

ڪنڊ گلابن جا لاهيندڙ مالهيءَ جي آخر
ڇو نہ لڳي آ باهہ هٿن کي پوڙهو سوچي ٿو

ڪيڏي آهي بانس هوا ۾ ساهہ پيو گهٽجي
ڌرتي اندر دارون ٻوڪي وحشي مرڪي ٿو

راهہ سموري ڪاوا ڪاوا منزل پي ڏنڏلي
ڪاهوڙي گم تيندڙ پنهنجا ساٿي ڳولهي ٿو

دل جي ديول، مندر ۽ مسجد کي ڊاهيندي
آهيڙي ان هوڙهيائيءَ تي ڏاڍو ڪجڪي ٿو.

گل ڪٽي دروازي تي آ پهتو ڇا جي لئہ؟
گونجي ٿو پولارن مان ڪو سڏڪو ڇاجي لئہ؟

ديس مٿان سالن کان آهي خاموشي ڇانئيل
ستل ماڻهن ۾ ڪاهي پيو ڪڙڪو ڇاجي لئہ؟

اڄ صدين جي ڪا نہ ٻجهي هي جيون تاسارو
رڄ نگر ۾ او ساتيئڙا پٽڪيو ڇاجي لئہ؟

رنگ برنگي قلواڙيءَ ۾ رهندڙ ناريءَ جو
گلڙن کان خالي هي چوٽو ڇاجي لئہ؟

جوڀن ۾ جو گرم رهيو هو اونهاري جيئان
سڄ لٿي سو ساڄن پرتو پاٽهئي ڇاجي لئہ؟

اسان جي شهر تي ٿانـدا وسائيندي رهي آهي،
نماڻي نيڻن جهڙي ڪا رئاريندي رهي آهي

اسان هو سار ڪي ترهو بڻائي سير ڪي اڪريو
سڪي ڪنهن فرض جيان دل تان وساريندي رهي آهي

رڳو واڪا ڌماڪا چرڪ دانهون ۽ رڙيون ڪوڪون
حياتي تار سنهڙي تي هلائيندي رهي آهي

رلي ويو عشق جو نعرو رڙن ۾ ۽ پري ڪان ڪا
چري منصور ڪي دلڙي پڪاريندي رهي آهي

سنياليو سي ڏکن ڪي ڏيج وانگي زندگي ساري!
اسان ڪي آڳ پنهنجي ئي جلائيندي رهي آهي.

اسان ماٺي ڪٺي آهي اوهان جي دوستي جانان!
رهي پاڻ سندي آشا سدائين ڪوڪلي جانان!

اسان اونداهين ڪي آ ضديري ٻار جيان پاليو
نہ آئي زندگي ۾ رات ڪائي چاندني جانان!

جنهين جي چانو ۾ ويهي گلابي ساهہ پوتاسين
ڪندي سا ڳوٺ واري يا حياتيءَ ساربي جانان!

اوهان جي ٻانهن سيراندي اسان جو خواب ئي رهندي
اماوس رات منهنجيءَ ۾ ڪٺي آ ٻانهڙي جانان!

ڏناسين زندگي ساري نڳي دوکي ۽ آڪڙ کان
ڪري ويو چاهہ ۾ ڪوئي اسان سان ڌانڌلي جانان!

اڪيلايون ڪٺي سرتي رلياسين زندگي ساري
الائي ڇو نہ ٿڪري محبتن جي روشني جانان!

وري ڪنهن کي پنيرڪي ويل ئي تاڙيو اٽئي سهٽي!
اکين ۾ جو ڪٽي ايڏو ڪجل هاريو اٽئي سهٽي!

سرنهن ڦولار انگ تي سجائي ٿي گهمين هاٽي!
لڳي ٿو نئين نڪوري ڇوڪري ڪاريو اٽئي سهٽي!

رهن آباد تنهنجا ٿهڪ قيامت جي گهڙيءَ تائين!
متان مونکي سهيڙي لڙڪ ڪولاڙيو اٽئي سهٽي!

ڪڙي پئي آ ڪڪائين جهوپڙي ۾ روشني اهڙي!
ڏيئو ڪو ياد جو اونداهه ۾ ٻاريو اٽئي سهٽي!

ڇئي ٿو ڪير ٿوکي ٿوهرن جي ديس جي واري!
ٻڌنڊڙ ناو کي هر دور ۾ تاريو اٽئي سهٽي!

اوهان جو سات ميندي‌ءَ ڌار جهڙو نقش آ دل تي!
ڇئي ٿي دل تہ مون کي پي ڪڏهن ساريو اٽئي سهٽي!

سمورا چاڪ چيٿي مس اجان مرڪي پيو هو جو
تنهين کي بي رخين جي باهہ ۾ ساڙيو اٽئي سهٽي!

جڙي ناهي ٽٽي دل غوث جي هاٽي وجي ڪاڏي،
ڇيو هو ماڻ‌ءِ مٿي تي ڇو ڪٽي چاڙهيو اٽئي سهٽي!

گلن جو هار ويڙهي ڇوڪري آئي
رڱو سينگار ويڙهي ڇوڪري آئي

بدن جولاءِ بڻجي ويو برف باري
اکين ۾ نار ويڙهي ڇوڪري آئي

ڇئي ٿي خواب سايان قيد جي ماڻي
بدن تي ڄار ويڙهي ڇوڪري آئي

اوهان جي ريت ڏرتي ۾ ٽبيون ڪاڏيون
هٿن ۾ يار ويڙهي ڇوڪري آئي

هوائون ويس شوخيءَ جو ڍڪي آيون
پرينءَ جو پار ويڙهي ڇوڪري آئي.

ياد دل جي صحن ۾ چلندي رهي
دل پٽيءَ ديوار جيان ڪرندي رهي

نيڻ تارن ۾ سمائي سانوري
رات پنهنجي ميت سان ملندي رهي

دل اِجائي آزمايو يا عمر
سون، ڪاري ڪوڙڪي چوندي رهي

درد ساڳيو هو جڏهن منهنجا پرين
وات چو تو کي مون کان ڇنندي رهي

ميچ تي نڪتي لتاڙي ڳوٺ کي
ساهه سڏڪن سان سڪي سبندي رهي

چپ بنديءَ جي شهر واري چوڪري
ڊائريءَ ۾ درد کي لکندي رهي.

پرين سڏڪي پيون آهن، ڇريون ڦٿڪي پيون آهن
اوهان ڪانپوءِ رستن سان اڪيون الجهي پيون آهن

هلي آ مرڪ تنهنجيءَ کي سموريون سانوٽيون ارپيان
جهڙاليون موسمون نيڻن مٿان اڪري پيون آهن

هنيان تئي ساھ پڳلا سمنڊ جي سيني مٿان اڇلي
هڙئي لهرون گهڙيءَ ۾ آتشون ٻڄي پيون آهن

وڃايو تئي چڙو گوري بدن جو ساوريءَ اهڙو
ستل ڪي ساڏ بيلي ۾ چسيون چرڪي پيون آهن

اجهل کي ٺهڪڙا پوکي وئي آهين اگڻ تي تون
تڏهن کان من اگڻ تي چاندنيون نڪري پيون آهن.

دل لڳيءَ جي سيج هارائي ويو
زندگيءَ جي سيج هارائي ويو

هن ڪٺي پٿر هنيو آ پاڻ کي
آرسيءَ جي سيج هارائي ويو

رسم جي رسيءَ ۾ لڙڪي سانورو
سانوريءَ جي سيج هارائي ويو

ڏينهن سارو سج جي پويان پيچي
چانڊنيءَ جي سيج هارائي ويو

تيز ڪانئيندي اچي گهر ۾ گهڙيو
ءُ ونيءَ جي سيج هارائي ويو

هو ڪلي رهزن جي وينو پير ۾
رهبريءَ جي سيج هارائي ويو.

الا! هر پل جواني چلڪندڙ ڪو جام ٿي وئي آ
رسيل تنهنجي چپن جي چانڊني ۾ دام ٿي وئي آ

ڪٿي ڪينجهر اکين مان اوت ڪا نوري اسان تي تون
الائي ڇو اسان جي دل تماچي ڄام ٿي وئي آ

رٺي آ ٻارڙن وانگي سڪي پرچي نہ ٿي هاڻي
چمين جي ميڙ ۾ هن جي اکيان ناڪام ٿي وئي آ

ويا هن جهول ۾ رجي پٿرن سان، ڪيئن جي سگهبو؟
پرين هيءَ دوستي جي راهہ ۾ الزام ٿي وئي آ

نظر هڪڙي گلابي ٿهڪڙن جو باغ پيلي وئي!
اداسيءَ روح واسيو ۽ خوشي نيلام ٿي وئي آ.

چيو هو دل تہ تنهنجي چانو ۾ دک دورا تي ويندا
نہ سوچيو هو تہ جهنگ جي باهہ جيان ويتر وڌي ويندا

اجا احساس ٿيندو آ تہ پر ۾ مسڪرائين پئي
ڪٿي معلوم هو پل جيت جا پي هار ٿي ويندا

وڌو هئي باهہ جي آڙاهہ ۾ مونکي وٺي وينگس!
نہ سوچيو هئي جلي سڀ خواب منهنجا راک ٿي ويندا

ڪيون هاڻي اوهان ڪان ڪو نہ تا شڪوو شڪايت ڪا
چئي ٿي دل تہ ائين پيار جا تختا لڏي ويندا

گلن جهڙا پرين! ايڏي نہ تلخي ساهہ ۾ سانڍيو
اچو اڄ آشياني تي تہ مون لئہ هار ٿي ويندا.

هلي آ زندگيءَ جو گيت جھونگاريون ھوا بڻجي
ڦري ڪو ئي ويو آ ساھ دوکو ۽ دغا بڻجي

جھڙالأ نيڻ ڪارونيار، ڪنوڻيون ۽ ڪٽي گوڙيون
انو آ رات ساري ھو اسان تي ڪا گھٽا بڻجي

ٽڙي مرجھائجڻ جو درد پوڳين ھان جي تو سائين
رھين ويران دل ۾ ھا اسان جي تون گھٽا بڻجي

دعا آھي تہ تنھنجي ياد جي تصوير سيني ۾ !
رھي جيسين حياتي جھلملائي ڪي ڏيا بڻجي

ٿيو چاجي نہ سگھياسين ملي ڪنھن خواب ۾ سانئڻ!
اھا پڪ جاڻ قيامت ڏينھن ملبو سايان بڻجي.

وات ويندي تو ڏٺو هو چاھ مان
ساھ سامت ۾ نہ آ تنهن ڏينهن کان

هيڪلاين جو پلا ڪيسين سکي!
سمنڊ جهاڳيندو وتان مان تو بنا

راھ تو چوندي جدائيءَ جي چڏي
مان اچا تو ۾ پيسو پڇران جلان

پٿرن جي جهول سان تو خواب ۾
قول جهڙو شخص روزانو ڏسان

هان! وري ٻيهر هاڻي چڏي غوث کي
زهر لهجي جو خنجر تون زوم سان.

هوءَ چئي وئي سالن کي جاري رکي سگهبو نہ هاڻي
مون چيو پر ڏار پيي توهان رهي سگهبو نہ هاڻي

چو الائي گيت تنهنجا بي مزي ٿي ويا ڪوي!
اڄ چپائين سحر تنهنجي ۾ ٻڏي سگهبو نہ هاڻي

ڪيستائين توکي دل جي دائري ۾ سانديان
تڙپندي گذري حياتي، سو لڇي سگهبو نہ هاڻي

دل چئي ٿي الوداع توکي ڪجي گلشن حديد!
بي رحم تنهنجي هوائن سان گهمي سگهبو نہ هاڻي

تيل پورو ٿي ويو آهي وهيءَ جي ديپ جو
نيڻ ٻاري روز راتين جو ٻري سگهبو نہ هاڻي

زلزلو اهڙو اچي ويو دوستيءَ جي شهر ۾
غوث تنهنجي ڳوٺ پيي شايد هلي سگهبو نہ هاڻي

چنڊ سان تارن سندو هي ساٿ ٽٽو ئي نہ آ
جو وڇوڙو لوڪ جوڙيو سو بہ رهٽو ئي نہ آ

ڇوڪرو لوڙها لتاڙيندي اڇي پوڙهو ٿيو
سو ڇپائين خواب تان زنجير لهٽو ئي نہ آ

ماٺ مان جو شينهن جي گجگوڙ ٻڌجي گونجيو
ائين پي ناهي ڇيو ڪتبي تہ هي مرٽو نہ آ

ساهہ جي گرمي ڪپي ۽ پاڪرن جو بسترو
برف جهڙي زندگيءَ سان ناهہ ڪرٽو ئي نہ آ

جي نہ پرچائي تہ اوندهہ چانئجي ويندي سگهي
ڪوڙ ۾ پي يار سان مون ڪي تہ رسٽو ئي نہ آ

نڪ چوڀو، چپ سنهڙا، ڇا تہ ڇهري جي زمين
هٿ اڇي ويا رقص ۾ هاٿي تہ هٽو ئي نہ آ

سور آيو هو ورهائڻ پير تي ڏونڪو هڻي
مون تہ سمجهيو هو تہ اهڙو شخص ملٽو ئي نہ آ.

رات ڏاڍو بخار آيو آ
چو مسيحا بہ ڪو نہ آيو آ

بيد سرهاڻ ٽي ويو آهي
نرس هٿ سان وٺي دٻايو آ

خوف آهي نہ ٽي پوان پرزا
جام ۾ ٺهڪن ۾ هن ملايو آيو

آ هلي آ تہ جسم گرمايون
باهہ جو مچ جهڳيءِ ۾ ٻاريو آ.

هـا هـا هيكـر آيـا هئـا
مــاٺهو ڏاڍا پيــارا هئــا

جي تـو پاليا هئا سرتي!
ڪيـڏا هـرڻ هنــيلا هئـا

هر هر هنيئي سيني تي
نظـرون هـون يـا ڀالا هئـا

اوريــن وينــا درد ڪٺـا
نيـٽن تـي جي ڇـالا هئـا

هـر جـاريءَ ۾ ڦاسـي پيـا
يـار اسـان جـا ڏالا هئـا.

شهر ۾ هوندي بہ ناهي
چو ڪراچي سمنڊ آهي

چاهتن جو شهر هاڻي
باهہ جهڙا رنگ چاهي

سو پلا ڇا اڏرندو جو
روز پيو ٿو پر ساهي

شيلڊون ۽ شهرتون سڀ
شخص جي سا پرک ناهي

ڇا ڪٽي ويندين هتان تون
وٺ تو وٺ غوث چاهي

لڙڪ روڪي ڳلي سان ملنداسين
ڳوڙ ايندين تہ جام ڪلنداسين

سانوڻيءَ ۾ چڙهي بتيلي تي
خوب گَڏجي درياءُ گهمنداسين

موڪلائڻ جي وقت چولين جيان
سمنڊ پائي اکين ۾ چلنداسين

شهر ويندين وري تہ هڪ پيرو
جهنگ جي باهہ جيئن جلنداسين

چنڊ تارا ڪٿيون ڪٿي ميهڙ !
مور جي ٽور جيئن ٽلنداسين

تون بہ کھڙي سھيلي آن
کنھن نہ ٽوڙي، پرولي آن

اوپري ٿي لڳين ڏاڍي
ڪر ڪٿي ڳالھہ ماري آن

ڇرڪ ايڏا نہ پر سائڻ
ٿيو پلا ڇا اڇوتي آن

مار! اھڙي ڪٿين ٿي اک
سپ ڇون ٿا کھاڙي آن

پير ڪيڏا ڇڏيئي ڇڇري
وات ڏاڍي ڏکيري آن.

کوڙو ڏوکڙ يار ناهيان
تون کرين ٿو، ڏار ناهيان

کاندِيري جي چانو طلبيان
ايترو پي پار ناهيان

ڪيئن پرکان سات ڏيندس
سچ آهيان خار ناهيان

ٿو وجهي چپٽي کڍين تون
مان اٽي ۾ وار ناهيان

پير پي ٻوڙي نہ سگهندين
خالي ٻورو تار ناهيان.

کير پئي واري اڏائيندي اچي
سينڌ سرهيءَ کي ڦٽائيندي اچي

ها! ملاحڻ ڇوڪري آ، واڇ جيان
ڇوڙ تي ڇورو نچائيندي اچي

ڪل ڪٽي ڪلٽي وئي هئي پرٽجي
ڪو نہ سوچيو هو رئاريندي اچي

جهوپڙي ويران تي سوچي ڪڏهن
سيبتي مونکي سنواريندي اچي

تي ويو آ سوجهرو اونداهہ ۾
ڪا ٽريلي گيت ڳائيندي اچي.

اکين جي شهر ۾ ماريو ويو آهي
چمين جي شهر ۾ ماريو ويو آهي

ڪدي اچجان هٿن تي ڇٽ مينديءَ جا
گلن جي شهر ۾ ماريو ويو آهي

بچائي بي حسيءَ کان پاڻ ويندو هو
دلين جي شهر ۾ ماريو ويو آهي

شڪارين جي اکين کان جو بچي نڪتو
پکين جي شهر ۾ ماريو ويو آهي

اهو جو ڳوٺ جي کيتن ۾ ٽڙندو هو،
ڳلين جي شهر ۾ ماريو ويو آهي.

ويو ڇڏي آهي اڪيلو راهہ ۾
جڻ پيو هان ٿانءُ ڀيلو راهہ ۾

هٿ رهيو هو سال پنهنجي هٿ ۾
جنهن ڏنو آ يار ٽيلهو راهہ ۾

بس ائين ئي گهلبو ڳاڙهو جڏو
ٺهڪ ئي بڻبا وسيلو راهہ ۾

توکي پنهنجي روشني نيبهہ هجي
آ بتي مون لاءِ حيلو راهہ ۾

پيو اچي آ منزلن سان ڀاڪرين
ٿي پيو هو زرد پيلو راهہ ۾.

وري ايندين تہ وڙهنداسين
وجڻ جي وقت جڙنداسين

ڪلي ساري اڏائي تو
ڇڏين ڪاوڙ نہ ڇجنداسين

هوائن جو بدن ڪورو
سنڌوءَ جا پير ڇهنداسين

لڳائي ڇڏ ڪڙو در تي
ليئا ٿي پوءِ بہ رهنداسين

رنگن جي شهر ۾ رنگي
چپن سان پاڻ رڱباسين

ڇني محدود حدبنديون
اسين آزاد اڏنداسين

لڪي ڇڏ! لوهہ لاهي سڀ
گلن جي تور ترنداسين.

وئي جا دل ڪٺي آهي
اها ئي اڪ وٺي آهي

اڙي ڇڏ ڪوڙڪي ڇورا!
اجها هينئر لنگهي آهي

سچائي تي الائي ڇا
نہ سهڻيءَ اڪ ڪڍي آهي

سچي ڪان تي پني پيلڻ
صدين ڪان جا بکي آهي

ڳنڍي وڃجان رڳو هيڪر
پبرين جا تو پڳي آهي

رڳو واري لتاڙي سين
نہ قلواڙي لکي آهي

سکن جي شهر ۾ سائين
اسان جي ڪا پتي آهي؟

اکين جي پڙهي کين ٻولي سگهيو
رڳو هڪ اشاري ديوانو کيو

تريءَ تي رکي دل چريو شهر ۾
رقيبن کان سهڻن جو پڇندو رهيو

گلن سان سدائين رهيو سات ۾
ڏسو تا جسو قاسي کندن ۾ پيو

زماني جي گردش جهکايو نہ هو
پرين جي اڳيان نيٺ نوڙي پيو

ڏنگي تي پئي ياد ڏينيوءَ جيان
اچي ڏنگ منهنجي هي دل مان کڍيو.

هـن رکـي لاٽ ٻـاري اچـي راهـ ۾
ڪيـئن اينـدو پـرين نيـٺ اونداهـ ۾

سـار جـي پـوک پـي ٻـار پيلـي ويـا
خط جنين جا وجهي اچ ڇڏيم باهہ ۾

روح سـارو ويـو تـي رڳـو رت ڦـڙا
کـوڙ سـارا لٿـا هـن خنجـر سـاهہ ۾

ڪيـر چيـتينـدو تنهنجا زخـم ڏس پـلا
جـو وجهـين ٿـو پيـو هـٿ ٻئي باهہ ۾.

پڇين ٿو تہ تحفي ۾ ڇا ڇا مليا
اسان کي تہ ٿيلها ۽ ٿاپا مليا

فقيرن کان ڇا ٿو پڇين ڪاڄ ۾
اوهانکي اتي ڪهڙا ڪاڏا مليا

زمانو هي گهاٽو رهيو وقت کان
مليا جي سوين سور وارا مليا

ٽڙي آ پيو بار کي ڍير تي
ڪليون ڪوڙ ۽ جام پاٽا مليا

چون ٿا شريفن جو آهي شهر
اسان کي تہ هر جاءِ داڙا مليا.

جي نہ هٿاسين ٿي وياسين
تـو سـوا ڀـي جـي وياسـين

ڳـوٺ جـون سانئڻ اوهانجي
سـاوڪـون ٻـڌجـي وياسـين

چـپ ڪنگـو ٿـارا ڳلابـي
جـام سـمجهي ڀـي وياسـين

هرمچـي جـي ڀـرت جيـان
رومـال تـي ڀرجـي وياسـين

واهـڻـن جـون چلـو لايـون
شـهر ۾ پلجـي وياسـين

تـو هـڪـل هـڪـڙي ڪـئـي ۽
جهـار جيـان اڏري وياسـين

تـو ائـين ئـي هـٽ ڦيريـا
سـٽ جيـان اڪلـي وياسـين

غـوث تنهنجـي ڳـوٺ ۾ اڄ
ٿي ڪـڪـر برسي وياسين.

هڪ پوکي آ وئي سنسار ۾
ڪيتري هيڪار تي سنسار ۾

پرس ۾ سجدا ڪٽي وئي روح جا
دل اسان جي هيڪلي سنسار ۾

جو بہ پل تنهنجي ستو ٻانهن مٿان
سو ويو آ سونهن تي سنسار ۾

پارڙا احساس جا اغوا ٿيا
لڙڪ تي آ هر گهٽي سنسار ۾

ناو يي آيا اڪاري سير مان
مرڪ ٻڌجي وئي ڪنڌي سنسار ۾

چانورا ئي چانورا تنهنجو ملڻ
بس وڇوڙو ڏر تتي سنسار ۾

چاهتن جي راند هارائي ڇڏي
يار جي آڏو ڪلي سنسار ۾

اڄ اسان تي آئينو يي ڪاوڙيو
ڇا ڪبو هاڻي رهي سنسار ۾

فضا غمگين آ ساري اسان جي شهر ۾ سائين
خوشي ڪنهن ئي تہ آباري اسان جي شهر ۾ سائين

جنهين ۾ ڦول ٽڙندا ٽهڪڙن جا گيت ٻرندا ها
سهاڳڻ هير ڪنهن ماري اسان جي شهر ۾ سائين

چپن جي سيج تان جيڪا ڏتاري ۽ ڏڪاري وئي
لڇي ٿي رات سا ڪاري اسان جي شهر ۾ سائين

وري اڄجان تہ تنهنجي جسم جو ڪو واس وٺنداسين
صدا اڄ پي آهي جاري اسان جي شهر ۾ سائين

رڳو هي غوث ئي ناهي جو ستائي ٿو اوهان کي جو
وساريئي چو اها ناري اسان جي شهر ۾ سائين.

ٽڏڙي ۽ اونداهي رات
ننڊ ڦٽائي تنهنجي تات

گم ٿي تنهنجا ٺهڪ ويا
من ۾ ٿي وئي ڪيڏي سانت

مرڪي مرڪي ڪيئن ته پرين
اوري هئي موچاري بات

ڏاڍو سهڻو هلڻ تنهنجو
هر دم رهندو آهي ياد

آدرش ڪي ڪک سنگهي ويو
ليڊر سيئي چپ چپات.

سانوريءَ جي سحر ۾ ڦاسي پيو
ڪو چمين جي شهر ۾ ڦاسي پيو

چنڊ پيتائين اٿــي اڌ رات جــو
۽ پياســـو ڳهــر ۾ ڦاســـي پيــو

مينهن جي پهرين ڪٽيءَ جهڙ تہ ڏس
بي رخين جي بحر ۾ ڦاسي پيو

سمنڊ جهاڳي هو ڪناري تي پنو
. ـتصر ڪنهن لهر ۾ ڦاسي پيو

غـــوث رولـــو ۽ آوارا نيـــٺ اڃ
نيــنهن واري نهــر ۾ ڦاســي پيــو.

چيڪي مٽيءَ جهڙي سگهي، ويو ڪير توکي لڙڪ آ ارپي
ڳوڙها ٻٽي ڏرتي سڄي، ويو ڪير توکي لڙڪ آ ارپي

توڪانسواءِ هي شهر تو ڪاٿ اچي ڪا ڏي وجان اڏري
آ اور تون هيڪر اچي، ويو ڪير توکي لڙڪ آ ارپي

ڦولار ٿي آ سرنهن جي هٻڪار جي ويو ديس آ منهنجو
سڏڪين پئي ٿي پوءِ پي، ويو ڪير توکي لڙڪ آ ارپي

ڪا لار ٻڌجي ئي نہ ٿي هاٺي چڙن جي سنڌ ۾ سرتي
چارڻ بہ ويا گم چنگ ٿي، ويو ڪير توکي لڙڪ آ ارپي

تون غوث ڪي هڪ وار ڀيهر رولجان پر پوءِ پي سهٽي
پڇجانءِ تون هن ڪان ڪٽي، ويو ڪير توکي لڙڪ آ ارپي.

ستارن جي لبن تي گيت تنهنجو !
چون ٿا تو نہ جڻاتو ميت تنهنجو آ

رهيون ڪاٽي اڱوٺيون چلولايون هن
ڪسي مستي ويو سوداءُ تنهنجو آ

نچاور ٿي وڃي ٿو هر ڪوئي هتڙي
لڳي ٿو سانوري هي شهر تنهنجو آ

اڃان پي ياد تنهنجڻي جهلملائي ٿي
اڃان پي ڏڙڪنن ۾ شعاع تنهنجو آ

سنيالي ڏي مونکي خالي پٺو منهنجو
رکي ڇڏ جرڪندڙ رومال تنهنجو آ

نگاهن کي نہ ڪر ايڏو سهانگو تون
نہ ائين پيل سانئڻ باغ تنهنجو آ.

رنگ برنگي محفلن ۾ هو وڃڻ آهي لڳو
تانو گهر جا مڙس ماٺهو ٿي پيڃڻ آهي لڳو.

جو پيو ڏي سي ٽيڻ جي مرحلن ۾ آ اڃان
دوستن سان منهن سڃائي سو ملڻ آهي لڳو

لوڪ ٽو ڀهرو پيو حق تي چٽي اديب ڪي
مون روئڻ جي ڳالهه ڪئي پر هو کلڻ آهي لڳو

ڳوٺ جي چيريل ڪنڊيءَ جون ياد پيون سگريون اٽس
جو ڇڏي ڏيوٽي ڪراچيءَ مان وڃڻ آهي لڳو

هو لچارو ڇوڪرو مشهور ساري شهر ۾
سور سيني جا سيين سان جو سلڻ آهي لڳو.

چري! هو ڳوٺ جا منظر ڀلا ڏند لائبا دل تان ؟
ڇڄي وارا ڇناواڻ گهر ڀلا ڏند لائبا دل تان ؟

سرنهن ڦولار سيني ۾ اڃان پي ساهه ڪٽندي آ،
اهي هن جا وکڙ ۽ ور ڀلا ڏند لائبا دل تان ؟

چنيءَ جي اوٽ مان اڇلي هنيائين مرڪ سيني ۾،
ٿيا مدهوش سيئي سَر، ڀلا ڏند لائبا دل تان ؟

ڏکڻ جي هير ۾ اڄ ياد جو جهولو جهلي پيو آ،
سکي تو کي وساريان، کر ڀلا ڏند لائبا دل تان ؟

اسان جي چيچ کي پڪڙي سکيو هئي سير دنيا جو،
ڦٽي پيا اوچتو هئي پر ڀلا ڏند لائبا دل تان ؟

لٽي آهيس لهجي ۾ ادا، ڪا تو هرن واري،
اُهي ڪجڪا، بٽا ياڪر ڀلا ڏند لائبا دل تان ؟

ٿڪن جي خوشبو

خوشبوءِ سان
واسجي ويو آهي
سارو ڳوٺ اسان جو،
ڇو ته:
”سالن پڄاڻان
اڄ وري
اسان جي ڳوٺ ڏانهن
منهن ڪري
ڏنا اٿئي
وڏا وڏا ٿڪ!“

تماشو

تنهنجي سجايل
هر محفل ۾
تنهنجو پيارو دوست به مان
ٽوڪن جو موضوع به مان
ڪوڙو ڪارو ڪانءُ به مان!

مشرقي عورت!

هن تہ شايد
اهو پئي چيس:
”تنهنجي جدائيءَ
دل ۾ سوراخ ڪري وڌو آهي“
تہ نهہ پهہ ورائڻ لڳي:
”مان بيوفا ناهيان
پر روايتن هٿان مجبور آهيان،
ڇو جو مشرقي عورت
محبت ڪان وڌيڪ
مجازي خدا سان
نڀائڻ لاءِ پابند آهي.“

شڪايت

”تنهنجي شڪايت ملي آهي“
هڪ پيري
ڪنهن زانيءَ
هڪ مهذب ماڻهو جو
ڳِچِي جهليندي چيو هو!

ڊيڄاريندڙ اعلان

اي دل ۾
رهڻ وارا دوست!
سچ ٿو چوانءِ،
ڪوڙ نہ سمجھ
ان ڳالھ کي،
جنھن رات
تون مون کي
نہ سمجھي سگھڻ جو
ڊيڄاريندڙ اعلان ڪيو ھو
ان ڏينھن
سچ اپرڻ تي ڏاڍو
ضد ڪيو ھو.

روح سڏڪي پيو

الائي ڇو اڄ
روح راڙو مچايو
نارين کي نوڙن سان
لڙڪن جي لارن سان
لائنون ڏيڻ
ڪا نئين ڳالھ ناھي!

اذيت

كاش !
تنهنجي لهجي جي
ڏنگ کان پهرين
منهنجو
ڪنهن هڻ ڪڙ تي
پير پئي ها ۽
پچڙي ئي
نہ نوڪيان ها.

مون بابت تون بہ الجهيل آهين

ڪڏهن پتر سمجهي
ٽڏي تو چڏين،
چپن تي رکين تو
ڪڏهن گل سمجهي
ڪڏهن منهنجا خيال
توکي سندر تا لڳن،
سوچون اٿاهہ سمنڊ جيان،
ڪڏهن ڀروپيو لڳڻ تو لڳان
توکي جاني!

پوڳنا

ڳوٺ ڏانهن
تنهنجي واپسي
ايڏي وڏي
ڳالهہ ناهي
مان تہ *راجيش جي
موت تي بہ
نہ رنو هوس
تڏهن بہ مان
ڪراچيءَ ۾ ئي هوس.

* راجيش : لاڙڪاڻي ۾ هڪ بيواهہ ماءُ جي يتيم پٽ کي ڌاڙيلن قتل ڪري ڇڏيو هو.

تڏڙي هير جو جهونڪو!

رديفن ۽ قافين جا
پابند شاعرو!
اوهان جو ساهہ نہ ٿو گهٽجي
جي اوهان
ٻج جي پهر ۾
ٻاهر نہ ٿا نڪرو تہ
ڪو نثري نظم ئي پڙهي ڇڏيو.

ڪمپرومائيز

ٻج چوڻ جي
ڏوهه هيٺ
پلي تہ منهنجي چپ
ڪاڪڙي وٺان پٺي
سونهن جي ويري
ڪتن حوالي ڪئي وجي ها،
پلي تہ
هن تتل پونءَ تي
بسنت رت جا
خواب ڏسندڙ
هيءَ بي چين دل
راتين جي رولاڪ
ڪنهن ڏائڻ واتان
چيرائي وجي ها،
پلي تہ صدين کان
صبح جي انتظار ۾
پٿيل منهنجي تارن کي
سئن سان ڪڍي
چانڊهہ جي
ٻن پٽن وچ ۾
ڏئي ڪين پينو وجي ها
منهنجا دوست!
پر تو
هن سماج جي
جڙتون قائدن ۽ قانونن
سان
ڪمپرومائيز ڪرڻ جو
مشورو ڏئي
مون سان بيوفائي
ڪئي آهي.

ڪلندو هو تہ ڳوڙها ڪري پوندا هيس

هو ڏاڍو ڪلندو هو
ڪلڻ مهل
اکين مان
ڳوڙها ڪري پوندا
هئس،
تنهن وقت
ڪو بہ نہ سمجهي سگهيو هو
انهن گونگن سوالن جا
جواب،
هاڻي جڏهن
هر طرف گونجندڙ ٽهڪ
ڪٿي وڃائي
آيو آهي
اکين مان رت پيو ٽپڪيس
هينئون پيو ڦٽڪيس
تڏهن هرڪو
دعويٰ سان پيو چئي
ڏاڍو حساس ماڻهو هو
ڪلندو هو تہ
لڙڪ ڪري پوندا هئس.

نندڙي پيٽ جو انگل

هن ڀيري
چوڙيون بہ آڻجان،
سڳي بہ آڻجان،
شهر مان،
منڙي مرڪ ڪلي
چوندي آهي هر ڀيري
سرخي بہ آڻجان،
سينڊل بہ آڻجان،
اڪيون چورائيندي
چوندو آهيانس
پيٽ جو
حڪم اڪين تي
ڪلارڪ آهيان
خسيس
ڇهن مهينن ڪانپوءِ جڏهن ويندو آهيان
ڳوٺ تہ،
خرچي بہ نہ ڏئي سگهندو آهيان
ان نندڙيءَ پيٽ ڪي !

پوءِ تو دوستي ڦٽائي ڇڏي هئي!

اک ڪڙلي هئم
تہ تون ئي هئين پرسان
ٿوسان ئي تہ
گڏجي ٻوڙون پاتيون هئم،
توسان ئي تہ
ڪيڏيون هئم
نندپڻ جون سڀئي رانديون،
ڇيڪي مٽيءَ مان
گهگهڙا ناهڻ کان وٺي،
اک ٻوٽ راند کيڏڻ تائين،
پنپوريون پڪڙڻ کان وٺي
سگريون ميڙڻ تائين،
بند هينان آيل
ٻوڏ جي پاڻيءَ ۾
تڙڳڻ ٻہ تہ گڏجي
هلندا هئاسين،
هڪ ٻيري
ٽاليءَ هينان
ڪيڏندي ڪيڏندي
مون کي ننڊ وٺي وئي هئي
۽ جڏهن اک کلي هئي تہ،
تون منهنجي نيڻن ۾
اوپرائپ جو سئو ٽنبي سڃاڻڻ کان،
انڪار ڪري ڇڏيو هو.

گھوڙاڙي گھوڙا ! منھنجي ڏيءَ بچايو

موت جھڙي سانت
سڄي قبرستان ۾
ڏسان تو
هڪ قبر پئي ڦٽڪي،
سانت ڳالھائي ٿي:
”هڪ پيڻ جي قبر آ
جا ياءُ هٿان
ڪلھ رات ڪني آ
ڪاري ٿي“
پرسان واري قبر مان
هڪ جھيڻو آواز اچي ٿو:
”گھوڙاڙي گھوڙا
منھنجي ڏيءُ بچايو“
سوچيان ٿو،
شايد
ڪنھن ماءُ جي قبر آ.

جيجل

وارن ۾
چيڙهه پئجي ويو اتس
پوڙهي بہ ٿي وئي آهي،
پرورش ڪري -
پنهنجي ٻارن جي،
هاڻي انهن مان
کهڙو ٻار ايندو ٻاهر،
جنهن کي
پنهنجي جيجل جي
وارن مان بدبوءِ نہ ايندي.

وڇوڙي جو ماتم

ڪنهن ماڻهوءَ جي
مرتئي تي بہ
ٽي ڏينهن
تڏو وڇائبو آهي
پر هن کي
توکان ڌار ٿئي تہ
سال لنگهي ويا آهن.

سائي چانيي جهڙي دوستي ۽ بيوفائي

ڪڙو هئڻ جي
باوجود به
توکي ڏاڍو وڻندو هو
سائو چانيو،
سرنهن جي ڦولار ۾
ڦوڙهن تي ويهي
تون جڏهن پنهنجو
جهول ڀري
چانيي جي پنن سان
وهندي هئينءَ ڪائڻ،
ته مان به وڏي چاهه مان
توسان گڏ
ڪائڻ وهندو هوس چانيو،
هن سال جڏهن تون
ستر ۾ ويٺي آهين
۽ مان اڪيلو آيو آهيان
سرنهن جي ڦولار ۾
ته !
مون چانيي جا پن
توڪاري ڇڏيا آهن،
ان ڪي
بيوفائي ته نه چئبو!

جيون جو اڻ حل ٿيل سوال

جڏهن جڏهن به مان
گيڙو ويس اوڍي
خواهشن جي سمنڊ کي
اکري،
شعور جي صحرا ۾
پنڌ شروع ڪيم،
ته مون جيون جا
انيڪ منا توڙي ڪارا
روپ
من جي ڪئميرا ۾
محفوظ ڪري ڇڏيا،
پنکن جي تحفظ لاءِ
اڏيل کوٽن اندر
هوا جا هيسيل نيڻ
پينرن جا عڪس پڻ ڏنا،
جيڪي ڇهري تان
پيڙائن جا
تاثر لڪائيندي
لڦون پيرن سان
رئيس جي حويليءَ جي
ڪتن لاءِ پاڻي
پرڻ نڪتيون هيون،
هنن گهايل منهنجن
نيڻن
اهڙن نوجوانن جي
آشائن جا
مڙهه پي ڏنا

جن کي هو
سالن کنان
پنهنجي کلهن تي
گهمائيندي گهمائيندي
فيصلو ڪري ويٺا هئا،
چوڏهينءَ جي
ڪنهن هرڪ جهڙي
رات ۾
ڄامشورو پل تان
هڪ وڏو ٽپو
سنڌوءَ جي سيني ۾
الائي ڪائين خنجر مثل،
جيون جا
انيڪ روپ
پسڻ ڪانپوءِ جڏهن مون ڌرتيءَ
جو گولو
چوڏول جيان
ڦرندي محسوس ڪيو
تہ منهنجا پير مونکي
زمين تان
کسڪندي محسوس ٿيا
ان سمي
ٻن پتڪڙن کي
ڪلندي ڪلندي اسڪول
ويندي ڏٺم
تہ هڪدم محسوس ٿيو
تہ هوائن ڪو
گيت جهونگاريو آهي،
سوچيم

جيون
محبوب جي
تصور منجهان
چپن جي سرزمين تي
ڦٽي آيل
ڪنهن ناريءَ جي
گلاب جي گلن جهڙي
مرڪ آهي،
جيون معصوم ٻالڪ آهي،
پر هتي
مرڪ قتل ٿيندي آهي،
ٻالڪ اغوا ڪري
اٺن سان ٻڌي
ڊوڙائڻ لاءِ
پرڏيهه اماڻيا ويندا آهن،
هاريءَ جي
چانديءَ جهڙي جاڳ ڪي
ٻيگر جي ننڊ ڏني
ويندي آهي،
اٽي جي هير مان
بارود جي بوءِ ايندي
رهندي آهي،
نيٺ منهنجي ذهن جي
نوٽبڪ تي
جيون جي اوکي
سوال جو جواب
اڻ حل ٿيل ئي
رهجي ويو.

لفظن جي ٽنل دل

جڏهن چيائينس:
”خط بہ نہ لکيئي
ايڏي پڪائي“
تہ وراڻائينس.
”لفظنَ جي
دل ئي ٽٽي پئي هئي.“

ڪڏهن ايندين چپ ملائڻ

وري ڪڏهن ايندين
چپ ملائڻ؟
جڏهن ڳجهون
آخري هڏڪين ۾
هونديون!

ڪل!

”ڏاڍو ٿو ڪلين
پانيان ٿو
خوشين جي هنج ۾
پيو پلجين.“

يادن کي اڪائي وچ

هن سال وري
تنهنجي يادن جي
بارشن جي
مند وري آهي،
جنهن پاڻ سان گڏ
اداسيءَ جي ٽڏڙي ٽڏڙي
هير بہ آندي آهي،
مٺي!
مان ٽر جيان
سڪل ٺوٺ،
مان چاهيان ٿو
منهنجي ساڀيان ۾
تازي هوا جو
جهوٽو بہ ڪونهي،
اهڙي ويران
موسم ۾
منهنجي خوابن ۾ اچي
مون تي مهربان
ٿيڻ جي
تڪليف نہ ڪندي ڪر
پنهنجي يادن کي
منهنجي من جي
ديس مان
اڪائي وچ تہ
بهتر ٿيندو.

رت ۾ ٻڏل ٺهڪَ!

چئني ڏسائن کان
گولين سان پروڻ ٺيل ٺهڪ
ساهه ڏئي رهيا آهن،
هي ته خوشبوئن جو
شهر ڪراچي آهي،
پوءِ ڇو نه ٿا
ڪنن سان ٽڪرائجن
پيار جي مستيءَ ۾
ٻڏل ٺهڪن جا آواز،
ڇو نه ٿو محسوس ٿئي
ڪٿان پي،
چمين جو احساس،
ڪو عرصو گذري
ويو آهي،
جو سمونڊ ڪنارو به
اڳي کان وڌيڪ
اداس آهي،
هاڻي ته ڪراچيءَ جو
نانءُ ٿو ونجي
ته جسم ۾
برف ڪري ڇڏيندڙ !
سياندو ٻوڙي ٿو وڃي!

۽ پوءِ سنڌو صحرا ۾ تبديل

ڪنهن زماني جي
ڳالهه آهي،
منهنجي وجود جي
واهڻ پرسان
تنهنجي محبت جو
سنڌو درياءُ وهندو هو،
هڪ پيري هن
پنهنجي مستيءَ ۾ اچي
اٿنيهينءَ جي
ڪنهن اماس رات جو
سهارو ونندي
تنهنجي ڳلن جي سهڻي
۽ منهنجي بي چين
چپن جي ميهر ڪي به
پنهنجي موج جو
نشانو بڻايو هو
نتيجي ۾
روايتن جا
بند ٻي پجي پيا هئا ته
رسمن ۽ رواجن جا
ڪيترائي ڳوٺ به
سندس لپيٽ ۾ اچي ويا هئا
پر پرين!
ان جي مٿان
جڏهن کان تنهنجي
بي وفائين جو
ڪالاباغ ڊيم ٺهيو آهي،
منهنجي من ۾ وهندڙ
تنهنجي محبت جو
سنڌو درياءُ ڏينهون ڏينهن
صحرا جي شڪل
اختيار ڪندو پيو وڃي!

گرم هٿ!

"تنهنجي گرم هٿن ۾
هٿ اٽڪائي
محسوس ڪندو آهيان
ڄڻ ڪي
صدين جا
ٿڪ ٻجي پيا هجن!"

انتظار جي اولهه ۾ ٻڏل سج

انتظار جي اولهه ۾
تنهنجي صورت جا
ڪيترائي سج لٿا
پر منهنجي نيڻن جي
اوڀر ڏانهن
تنهنجي صورت جو
سج اڀري نه اڀريو.

مصلحت به هڪ سانحو آهي

ها ۾ ها
ملائي تڪجي پيس،
پنهنجي پياري
دوست کي
وڃائي ويٺس.

رنگن جي ميلي ۾!

مون ٻه هڪ ڀيري
رنگن جي ميلي ۾
وڃي،
پنهنجي بي رنگ
گهر کي
سهڻو بڻائڻ واسطي
ڪجهه رنگ وٺڻ جي
ڪوشش ڪئي هئي،
سيني گراهڪن کي
هڪ نظر ڏسندڙ
دڪاندار،
منهنجي بي رنگ گهر کي
سهڻو بڻائڻ واسطي
ڪي رنگ مونکي
ٿيلهيءَ ۾ وجهي ڏنا هئا،
پر جڏهن
گهر اچي اها ٿيلهي
کولي هيم
ته ان ۾ ڪو ٻه رنگ نه هو!

يادن جو البم
ڳوٺ جي رستن تي
هلندي
بي انتها ٿهڪ ڏيندي
جي توکي
ياد مان اچي وڃان پرين
ته هڪ ٿڌو ساهه ڀري
منهنجي ڏنل
يادن جي البم کي
کولي ڏسجان
جنهن ۾
هڪ ٽنل مرڪ جو
فوٽو رکيل آهي
ان ۾
توکي هڪ
لڙکن جي سيريز
به نظر ايندي
جيڪا تنهنجي بي رخين جي
عيوض
منهنجي نيڻن
اظهار جي مارڪيٽ ۾
آندي هئي،
ڏوراپن تي مشتمل
هڪ خط به هوندو،
اهڙيءَ ريت
واري واري سان
انهن سيني يادن جي
مهمانن سان ملي
منهنجي ياد کي
ٽورو پاسي تي رکي
ڇڏجان.
* ننڍپڻ جي دوست محمود الرحمٰن جي وڇوڙي تي

نرتڪي!

پيرن ۾ ٻڌي جي گھنگھرو
ڪيو ھو تو ناچ ميلي ۾
۽ ڏنا ھئا ٺھڪ ڪوڪلا
ماڻھن جي اڳيان
تون اي نرتڪي!
اڄ بہ انھن
گھنگھرن جون دانھون
۽ ٺھڪن جون رڙيون
منھنجي دماغ جي
مضبوط ترين رڳ کي
ڇيڻيون ٻڌجي ٽڪي رھيون آھن.

ڇو ٿو نظرين؟

ڏاڍا جھڙا ماڻھو!
ڪڏ اڪ،
منھنجي پيار مان،
مس تہ مليو آ
زندگيءَ ۾ ھڪ پيرو
ڇو ٿو نظرينس!

نيڻن جي اڱڻ تي روسامي جا پير

نندپڻ جي
يارن جهڙي
پياري ۽ نماڻي ڪل بہ
هاڻي منهنجي
لبن جي اوتاري تي
مهمانن جيان ايندي آهي،
۽ وڇوڙي ويل
منهنجي نيڻن جي
اڱڻ تي
روسامي جا پير
چڏي ويندي آهي

آس جي پرن ڪٽيل جهرڪي!

جڳن ڪنان آس جي
پرن ڪٽيل جهرڪي
روزانو سنجها ويل
منزل ملڻ ڪان اڳ ئي
من جي اکيري ۾
ڦٽڪي ڦٽڪي
ساھ ڏيندي آهي ۽
روزانو صبح جو وري
آکيري جي گهٽيل ماحول تي
چوڙاٽن جي بغاوت سان
نئون جنم وٺي اٿندي آهي.

ڳوٺ وڃان يا نہ؟

”هيل جڏهن سانوڻيءَ جي
وسڪارن ۾
ڳوٺ اچين تہ
شهپر ڪوڙي نہ اڇجانءَ،
شهپر سونهن هوندا آهن
مرد جي،
ٻيو تہ تنهنجي منهن تي
سهڻا بہ زور لڳندا آهن
سو جي هيل اچين
ڳوٺ تہ
اڇجانءَ شهپرن سان
خواهش آهي
اها منهنجي تہ
هڪ ڀيرو ڏسان توکي شهپرن سان“
پراڻا خيال رکندڙ
امڙ
موڪليو آهي
لکائي مون ڏي
چٺيءَ ۾
سوچيان پيو
هيل سانوڻيءَ جي وسڪارن ۾ وڃان ڳوٺ يا نہ !

عزيز، پپو ۽ ملڪ ڪٿي آهن؟

رات
ڳوٺ جي ٽڏڙي هير
۽ اداس چنڊ
سڏڪندي پڇيو هو:
"تنهنجي پرسان واري گهر ۾
خاموشي ڇو آهي؟
عزيز، پپو ۽ ملڪ ڪٿي آهُن؟"
ڪنڊ ۾ پيل رانديڪو
پتڪڙا هٿ ڳولهي سمهي پيو آهي،
اڄ عيد آهي،
موهن جي دڙي ڏانهن ويندڙ رستي،
سائيڪل تي چڙهي ايندڙ
گهرين ۾ وڏين اکين واري
قداور شخص کي ساري،
ويراني پاتي آهي،
اڄ پرسان واري گهر مان
مون لاءِ
شفيق هٿن جي
ڦڪل،
آسيس جي ماني به نه آئي آهي
اڄ پرسان واري گهر جا
نوجوان ٽهڪڙا
پڪين جي ولر جيان
ٽولا ٺاهي
ڳوٺ جي آڪاس تي به نه اڏريا آهن،
اڄ ڪهڙي عيد آهي؟
منهنجي پرسان واري گهر جا ڏيئا

هڪ هڪ ٿي ٻريا ئي ناهن،
ڪراچي جي ڪنور شهر
منهنجي پاڙيسرين کي روڪي ورتو آهي،
ايندڙ عيد تي ڳوٺ وڃڻ جي وعدي تي هو
لڏيل سامان لاهي
ڇپڙي ڪري ويهي رهيا آهن
بند گهر جدائي جو سور پي ورتو آهي.

(نوٽ 01-10-2008 عيدالفطر جي موقعي تي لکيل)

ڪاري ڪفن ۾ ويڙهيل وجود

لهندڙ سج جي
نٻل شعاعن جي اداسيءَ جي ڪٺ
سمنڊ ڪانسواءِ
ٻيو ڪير به ڪري نه ٿو سگهي،
نئين ساماڻل اڙٻنگ ناريءَ مٿان
آيل موسمن جا رنگ جانچڻ لاءِ
هڪ ماءُ جي دل هئڻ تمام ضروري آهي
هوءَ سندس اکيون پڙهي
قبرستان جيڏي ماٺ جي
چادر تاڻي ڇڏي ته سمجهجانءِ
هن ڌيءَ جي ڇچريل وجود کي
ڪاري ڪفن ۾ ويڙهيل ڏسي ورتو آهي

هجوم ۾ گم ٿي ويل دوستي!

جنهن جي ٽهڪن مان
گلاب جا گل ڇڻندا هئا
سو به اڄ
لکين ماڻهن جي هجوم ۾
وڃائجي ويو آهي،
شوري جي هوائ جهڙي ڪ ٽ تي
توهر ڦٽي آيا آهن
اڄ جڏهن
من جي ڪکائين جهوپڙي
طوفان جي سٽ نه سهندي،
پٽ پئجي وئي آهي
ته هو
پنهنجي ٻڙ جهڙين ٻانهن ٻدران
منهنجي ڪنڌ ۾
نانگ ويڙهي ويو آهي.

بنديا به نه لاتي اٿئي

سدائين جيان
منهنجي اچڻ جو
ٻڌي
اکين ۾
ڪجل به نه پاتو اٿئي،
چپن تي مرڪ به نه سجائي
اٿئي،
تي وئي آن
شايد بيوفا،
اڄ بنديا به نه لاتي اٿئي.

روح ۾ لهڻ لاءِ دليل!

جڏهن تو وٽ ڪو
سگهارو دليل
بہ نہ هو،
تہ جيت جٽئي سان
پيار ڪرڻ
ڪو پاپ ناهي،
تہ پوءِ ڇو آيو هئين
منهنجي روح ۾
پاتال تائين لهي.

پکو ٽي ويو آهين!

ڏاڍو پکو ٽي
ويو آهين
ڇيو هيئي
منهنجي قميص جي
دامن ڪان جهلي،
تون بہ ايڏي ڪا
معتبر ناهين
جو سيڙجي اڇان توڏي
ڇيو هوم
پوتيءَ ڪان جهلي توکي،
پوءِ ڪو پهر
گم ٽي ويا هئاسين
هڪبئي جي اکين ۾.

جلد بازي مون کان ٿي ٿي!

پنهنجي چاهنا جي
جذبات ۾ اچي
مون ان تي ڪڏهن
غور ئي نہ ڪيو
تہ تنهنجي سيني ۾
منهنجي بدران
ڪو ٻيو ٿو ڌڙڪي
پر جڏهن
تنهنجي البم ۾
تنهنجي پهرئين ۽
آخري عشق جون
سڀئي نشانيون
موجود ڏٺم
تہ ڇهري تي
هلڪي هلڪي
بوند جي هجڻ جو
احساس ٿيو
مني!
تون ايڏو ڳجهہ ۾ رهي
مون سان
ويساهہ گهاتي تہ
ڪئي آهي
پر تڏهن بہ
ڪجهہ هلڪائيءَ جو
احساس
ذهن ۾
ڪر موڙي رهيو آهي!

متان وسارين!

اڄ جڏهن تون
جبر جي ڪوٺ مان
اسير ڇهرن جي
آزاديءَ ڪي
خوبصورت لفظن ۾ ويڙهي
غلط قرار ڏئي رهيو آهين،
ٻارڙن ڪان
جبري پورهيو وٺندڙ
عالمي ڏوهارين جي،
پنهنجي ٻارڙن جي
مرڪن عيوض
حمايت ڪري رهيو آهين،
تہ منهنجا دوست
تنهنجي
ان عمل تي
حيرانيءَ جو اظهار
ڪري رهيا آهن
پر سچ پچ تہ
مونکي ڪا حيرت ڪانهي،
تو بابت منهنجي سوچن جي
خوبصورت وڻ جو ڏار
تہ ان ڏينهن ئي
ڀڄي پيو هئو،
جنهن ڏينهن تون
ڪوماٽل ڇهرن کي آجپو ڏياريندڙ
آدرش ڪان ڏار ٿيندي ڇيو هو
جدوجهد ڇا ڏنو مونکي
جيل، ڦٿڪا.
پر
انگ انگ تي

سگريٽن جا ڍنپ
نندن جي نيلامي
مون تہ اُن ڏينهن
تنهنجي شخصيت جي
ڪا ڪ محل اندر
اونداهي ڪوٺ ڪي ڏسي ورتو هو
جنهن ڏينهن تون
اظهار ڪيو هو تہ
سموري زندگي
اجائي نعرن جي
پاڇن پويان
ڊوڙندي گذاري
ڇڏيسيون
نہ بئنڪ بئلنس
نہ ئي ڪار ڪو بنگلو
هٿ تي سگهيو!
۽ پوءِ تون پنهنجي ضمير جي
پڪين ڪي
هٿن ۾ ڪٺي
نڪري پيو هئين
وڪڻڻ لاءِ
سو مٽان وسارين تہ
اسان ڪي
تو بابت
ڪو فڪر ڪونهي
تاريخ ڪنهن فرد ڏانهن نہ
عوام ڏانهن
جانبدار هوندي آهي.

ڪلهي تي ڪنڌ رکي نہ روئي سگهڻ جو درد

جڏهن بہ
ڪنڌ ڪي
تنهنجي ڪلهي تي
سڏڪا پري
چاهيم روئڻ منهنجا پرين،
تنهن وير
ڪنهن حرفتي
جادوگر جيان
تو چڏيو
پنهنجو ڪنڌ سرڪائي،
شايد نہ ڪري سگهئين
برداشت
وزن منهنجي لڙڪن جو
يا هئين هيراڪ
صرف مرڪن جو
يا هئي فطرت تنهنجي
خوشين ۾
گڏ گڏ رهڻ جي
۽ ڏکن ۾ ڏور ڏور.

اعتراف

ڪوماٽل مرڪن جا
گلاب آڇيندي
سونهن جي ماليءَ
هن جي چپن تي
لڙڪن جي تيلين سان
پريل ماچيس ۽
هٿن تي ڪجهه
سڏڪن جي اگربتين جا
پاڪيٽ به رکيا،
جڏهن هن جي
مرڪن جا گلاب تازا هئا
تڏهن سرهاڻ
نه ڏيڻ جي اعتراف
طور تہ،
هڪ اداس شاعر
جي من ۾ نهيل
نه پائي سگهڻ واري
احساس جي
مزار تي
سانوڻ جي پهرئين
وسڪاري ڪانپوءِ
ٿڌي هوا جو جهوٽو.

چيٽيڪي مٽي — غوث پيرزادو — سنڌ ادبي اڪيڊمي



غوث، منهنجي ننڍپڻ جو ساٿي، هڪ حساس ليکڪ

مونکي چٽيءَ طرح ياد آهي پرائمري اسڪول ۾ منهنجا شروعاتي ڏينهن، جڏهن مان اسڪول جي نئين ماحول سان هم آهنگ ٿيڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هئس. ان وقت مونکي غوث جي صورت ۾ اهڙو دوست مليو، جيڪو 35 سال گذرڻ ڪانپوءِ به اوتروئي گهاٽو آهي ان وقت غوث نه فقط مونکي اسڪول جي ماحول سان هم آهنگ ٿيڻ ۾ مدد ڏني، پرجيئن ته هو مونکان هڪ درجو مٿي هئوتنهنڪري هو مونکي نصابي ڪمن ۾ پڻ مدد ڪندو رهيو. دوستيءَ جو اهو سفر ٻلهڙيجيءَ جي پرائمري اسڪول کان ٿيندي موهن جي دڙي جي مڊل اسڪول تائين پهتو. موهن جي دڙي جي مڊل اسڪول ۾ پڙهڻ دوران اسان کي هڪ ٻئي لاءِ وڌيڪ وقت مليو. ڇوته ڳوٺ کان موهن جي دڙي تائين روڊ نه هجڻ ڪري اٽڪل هڪ ڪلاڪ پنڌ ڪرڻو پوندو هئو ۽ اسان اهو وقت ڪچهريون ڪندا ايندا هئاسين. هاڻي جيئن ته ڪجھ وڏا ٿي ويا هئاسين ۽ پاڙيسري هجڻ سبب اسڪول کان پوءِ وارو وقت به گڏ گذارڻ لڳاسين. مئٽرڪ تائين غوث مونکان هڪ سال مٿي رهيو، پر مئٽرڪ ۾ هڪ سال جو وقفو ڪرڻ ڪانپوءِ ڏوڪري سائنس ڪاليج ۾ گڏ داخلا ورتي سين. اهي به سال تمام يادگار رهيا. ان دور ۾ دوستن جو هڪ وڏو گروپ ٺهي ويو، جنهن ۾ ڊاڪٽر عزيز، عيسيٰ ۽ پير بخش وغيره پڻ شامل ٿي ويا. اهي ڏينهن شايد ڪڏهن به وساري نه سگهجن.

غوث پنهنجي ادبي ڪيريئر جي شروعات ڪڏهن ڪئي اهو مونکي ياد نه آهي، پر جڏهن غوث شاعري شروع ڪئي ته مونکي ڪابه حيرت نه لڳي، ڇوته منهنجي خيال ۾ هر حساس ماڻهوءَ اندر هڪ شاعر موجود هوندو آهي ۽ غوث به هڪ حساس شخص آهي. 90 واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ جڏهن اسان ٻلهڙيجيءَ واري سنڌي ادبي سنگت جي شاخ کي سرگرم ڪيو، ته غوث اسان سان گڏ هئو. ان وقت اسان سنگت ۾ پيش ٿيندڙ اسمن تي ٻڌل هٿ سان لکيل پرچو سرهاڻ ڪيندا هئاسين، جنهن ۾ غوث جي شاعري پڻ ڇپي.

غوث جون لکڻيون تمام اثرائتيون ٿين ٿيون. غوث هوندئن ته شاعري وڌيڪ ڪئي آهي پر مونکي سندس نثر وڌيڪ پسند آهي. غوث جو هي ڪتاب ڪافي سالن کان تيار هئو، پر ڪن مسئلن جي ڪري ڇپجي نه پئي سگهيو. شايد ان ۾ به ڪا مصلحت هجي. جيڪڏهن هي ڪتاب ڪي سال اڳ اچي هان ته شايد سندس تازي شاعري ڇپجڻ کان رهجي وڃي هان. هن وقت هي ڪتاب ڇپجڻ سان جن ماڻهن کي سڀ کان وڌيڪ خوشي ٿي آهي، مان به انهن مان هڪ آهيان.

پرويز پيرزادو

سنڌ ادبي اڪيڊمي

پڙهندڙ نَسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماٺِڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بـہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَـڪَ ڄاڻو تـہ اُهـو ڪُـوڙو آهـي. نـہ ئـي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪـڏهن ڪـو اهـڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿـا. بيـن لفظن ۾ پَـنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نـہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَـم ڪـار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تـہ ڪي ڪم اُجرتـي بنيادن تـي بـہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَـنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصـولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجـارتي non-commercial رهنـدا. پَـنَ پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪـو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪـرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پـو ٻيـو اهـم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪـڏهن ڪـو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَـنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکَڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛

ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موتي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،

جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،

جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اُڄاٽائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاٿي ويڙهہ ۾ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَڙهندڙ نَسُل جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڇي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، ڇاللاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پاتي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
ـ اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)